سنڌيڪا

۱۸
۱۹۹۸

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

DONATED BY:
Syeda Fareeda Shah
D/o Syed Ali Anwar Shah

DONATED BY
Syeda Fareeda Shah
D/o Syed Ali Anwar Shah

سرمستی

۱۸

۱۹۹۸ع

مرتب :

محمد علي حداد

سچل سرمست يادگار كميٹي

خيرپور.

۱۴۱۸ھ / 1998ع

سرمست : ۱۸ - ۱۹۹۸ع

مرتب : محمد علي حداد

ٽائيٽل ڊزائين : سعيد منگي

ڪليگرافي : قيوم منگي

ڪمپوزر : نظام الدين، فدا حسين

چپيندڙ : پوپٽ پرنٽنگ پريس خيرپور.

چپائيندڙ : سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت : 40-00 روپيہ

Sarmast 18 - 1998

Book Series of Sachal Sarmast Memorial Committee Khairpur, Sindh.

Edited By: MOHAMMAD ALI HADDAD

Printed By: POPAT PRESS, Mall Road, Khairpur.

Publisher: Sachal Sarmast Memorial Committee Khairpur, Sindh.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

الف : پنهنجي پاران

محمد علي حداد 7

ب : سچل جو انداز فکر

38-9

١- سچل سرمست جي ڪلام ۾ مضمون،
هئيت ۽ زبان جون نيرنگيون

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو 11

٢- سچل جي شاعري ۾ ڪانگ
جي علامتي حيثيت

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو 19

٣- سرمارئي جي فني پهلوئن جو مختصر جائزو

ڊاڪٽر بشير احمد شاد 28

۴- دردمنديءَ جو ديس

نصرت حسين ابڙو 35

ج : تقابلي جائزو

٥- آشڪار جي علامت تي احمد جام جي
فڪر ۽ ڪلام جا اثرات

سيد خضر نوشاهي 41

٦- سچل جو همعصر ۽ باڪمال شاعر،
پير محمد راشد روضي ڏٽي

امام راشدي 56

د : سچل ۽ عهد حاضر 86-63

۷- سچل سائين جو فکر ۽ اڄ جو قلمکار

انعام شيخ 65

۸- سرمست ڪتابي سلسلي جي

مقالن تي تنقيدي نظر

ڊاڪٽر شاهنواز سومرو 71

۹- حضرت سچل سرمست جو عاشق،

پير حسام الدين راشدي

محمد پنهل ڏهر 78

هـ : سچل جو مڪتب 96-87

۱۰- ماسٽر احمد علي

خادم عباسي 89

ز : ببليوگرافي

سچل سرمست تي ببليوگرافي

واڌارو ٻارهون

محمد علي حداد 97

پنهنجي پاران

سرمست سلسلي جو هيءُ ارڙهون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. سرمست سلسلي جو پهريون ڪتاب ۱۹۸۱ع ۾ محترم غلام محمد ميمڻ، تڏهوڪي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جي ادب دوستي جو ڇڻ ته پرخلوص تحفو هيو، جيڪو رب پاڪ جي مهربانيءَ سان مسلسل هلندو پيو اچي. اڄ جڏهن اسان سرمست سلسلي جو هيءُ ارڙهون ڪتاب مهربان پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون، تڏهن اسان پنهنجي خدمتن تي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون. ڇو جو "سرمست" بلاشبہ سچل شناسيءَ جي تحريڪ جو عنوان بڻجي چڪو آهي.

سرمست-۱ (۱۹۸۱)ع کان سرمست-۱۸ (۱۹۹۸ع) تائين سيني ڪتابن کي جڏهن هڪ هنڌ رکي ڏسون ٿا، ته اسان کي سچل سرمست جي سوانح يا سندس ڪلام جي صحت، فڪر، فن ۽ عام مقبوليت سان گڏوگڏ سندس ڪلام جي ماخذن ۽ ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام سان تقابلي مطالعي جا انمول موتي پنهنجي افاديت سبب پاڻ ڏي متوجهہ ڪندي نظر اچن ٿا. جنهن جو خاص سبب اهو آهي جو "سرمست" سلسلي سچل رحہ جي مطالعي جي معاملي ۾ عقيدت مندي واري سقوط کي ٽوڙي تحقيقي جاڳرتا جو بنياد وڌو آهي.

مان سرمست سلسلي ۾ شايع ٿيل موضوعن جو تفصيل ڏيڻ انهيءَ ڪري مناسب نٿو سمجهان جو ته هن سرمست ۱۸ ۾ سرمست سلسلي ۾ چپيل سيني مضمونن ۽ سندن ليکڪن جي فهرست يڪجا ڪري پيش ڪئي پئي وڃي. ڊاڪٽر شاهنواز سومرو صاحب جو هن شماري ۾ هڪ مضمون بہ شامل آهي جيڪو "سرمست" ۾ چپيل مواد تي مختصر تبصري جي حيثيت رکي ٿو.

مان ته هتي سرمست سلسلي کي جيڪو سچل سائين جي سوانح ۽ ڪلام تي تحقيق جي تحريڪ چئي رهيو آهيان، ان جي چند حاصلات جو ذڪر ڪرڻ ٿو گهران:

(۱) هن سلسلي جي ڪري سچل سرمست کي اڻ ڄاڻائي جي بنيادي تي بلا جواز "شاعر هفت زبان" سڏڻ جي بدعت تي موثر احتجاج ڪري سچل سائينءَ کي انهيءَ الزام کان آجو ڪيو ويو ته يورپ جي عورتن کي بہ چوويهہ چوويهہ زبانون اچن ٿيون ۽ سچل صرف ستن زبانن جو ڄاڻو هيو!

(۲) سرمست سلسلي ۾ ڏسيل صلاحن کي قابل عمل ڄاڻندي سچل سيمينارن جو رواج پيو. نہ صرف ايترو بلڪہ "سچل چيئر" ۽ "سچل اڪيڊمي" جو وجود بہ "سرمست" جي خوابن جي عملي تعبير آهي.

(۳) سال ۱۹۹۵ع ۾ اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ اديبن جي بين الاقوامي

كانفرنس جي موقعي تي پاڪستان جي چوڏهين صوفي شاعرن جي منتخب ڪلام جو دنيا جي ستن وڏين ٻولين (انگريزي فرينچ، اسپيني، روسي، چيني، فارسي ۽ اردو) ۾ ترجمي وارا ڪتاب پڌيهي عالمن ۾ تقسيم ڪيا ويا. اها به حقيقت ۾ "سرمست" ۾ شايع ٿيل پير حسام الدين راشدي مرحوم جي صدارتي خطات ۾ ٽمنا هئي ته سچل سرمست کي دنيا وارن سان روشناس ڪرايو وڃي.

(۴) سرمست سلسلي ۾ سچل جي سوانح ۽ ڪلام جي باري ۾ جيترو خالص تحقيقي مواد شايع ٿئي چڪو آهي ان جي افاديت جو انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هاڻي سچل سرمست تي جيڪو علمي ذوق رکندڙ پي ايڇ.ڊي. ڪرڻ گهري ٿو ته ان کي پنهنجي مطالعي لاءِ سرمست سلسي جي مختلف ڪتابن کي لازمي طور رفرينس مٽيريل طور استعمال ڪرڻو پوندو!

(۴) سرمست سلسلي جي چونڊ مضمونن جو جڏهن به سوال اٿيو آهي ته ان ۾ چپيل مضمونن جي افاديت کي ڏسندي اهو ڪم ناممڪن نه، ته به ڏکيو ڪم ضرور بڻجي ويو آهي. هينئر سرمست سلسلي جي انتخاب کي چپرائڻ لاءِ صرف ۽ طريقا ئي صحيح ثابت ٿيندا. يا نه ڪنهن هڪ عنوان تحت مختلف عالمن جا لکيل مضمون يڪجا ڪري شايع ڪيا وڃن؛ يا وري هڪ هڪ عالم جا "سرمست" ۾ شايع ٿيل سڀئي مضمون علحدي ڪتاب ۾ شايع ڪرايا وڃن. جيئن تنوير عباسيءَ جي ايامڪاريءَ ۾ "سچل جو مڪتب" ۽ "آري اچين شال!" سچل چيئر طرفان شايع ڪيا ويا هئا.

اسان پنهنجي روايت کي برقرار رکندي سرمست ۱۸ ۾ به پنهنجي مانوارن عالمن اديبن جا مقالا مضمون جيئن جو تيئن شايع ڪري رهيا آهيون انهن مضمون ۾ بيان ڪيل ويچار سندن مافي الضمير جو اظهار آهي. اسان اظهار جي آزاديءَ جو احترام کندي ذورو به قطع و برید نه ڪئي آهي. لازمي ناهي ته ادارو به انهن ويچارن سان سو في صد متفق هجي. اهي نظريا هر محقق جا ذاتي پنهنجا آهن.

آخر ۾ خيرپور جي سيني سماجي حلقن ۾ يڪسان هر دل عزيز ۽ روشن خيال ڏپٽي ڪمشنر محترم محمد يونس ڏاڳها، چيئرمين سچل سرمست ميموريل ڪميٽي خيرپور جو ٽورائيو آهيان جو حضرت سچل سرمست جي ميلي جي سلسلي ۾ وڏو چاهه رکندي "سرمست" کي سهڻي کا سهڻو ڪري چپرائڻ ۾ ذاتي دلچسپي ورتائين.

سچل سرمست يادگار ڪميٽي جي سيڪريٽري، پنهنجي مربي ۽ محسن، تنوير عباسيءَ جو به ٽورائتو آهيان جو سرمست کي معياري بڻائڻ لاءِ مفيد مشورا ڏنائين.

حداد منزل پنجهٽي خيرپور ميرس — محمد علي حداد

محمد يونس ڈاگھا

چيئرمين

سچل سرمست يادگار ڪميٽي

۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور

پيغام

اها اسان لاءِ فخر جي گالھ آھي تہ اسان سچل سرمست يادگار ڪميٽي طرفان ھر سال وانگر ھن سال بہ حضرت سچل سرمست رحہ جو سالياڻو عرس ملھائي رھيا آھيون

اسانجي سماج جي ذھني اوسر ۾ جن صوفي درويشن، سنتن ۽ شاعرن وڏو ڪردار ادا ڪيو آھي، انھن ۾ شاھ لطيف، سچل سرمست ۽ سامي نمايان آھن، پر سچل سرمست جي شاعريءَ جو لھجو نرالو، پُرجوش ۽ بي باڪ آھي، ۽ زمان ۽ مڪان جون حدبنديون اورانگھي آفاقيت جي وسعتن تائين پھتل آھي. سندس پيغام اڄ بہ اوترووئي اھم ۽ تازو آھي، جيترو ڪالھ ھئو ھن وقت تہ پاڻ اسان کي انھن رھنمائن جي ضرورت آھي اھڙي وقت، سچل سرمست يادگار ڪميٽي "سچل سائين رحہ" جو سالياڻو عرس ملھائڻ جو سانباھو ڪري وقت جي سڌ ۾ سڌ ڏنو آھي. منھنجي دعا آھي تہ اسان سيني جي اھا ڪاوش ڪامياب رھي ۽ شال اھا وک وڌندي رھي.

محمد يونس ڏاگھا
چيئرمين
سچل سرمست يادگار ڪميٽي
۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور

محمد يونس ڏاگها اڳوڻي گورنر سنڌ ڪمال اظفر کي
بيج لڳائي رهيو آهي.

عرس جي موقعي تي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جو وائيس چانسلر
ڊاڪٽر بشير احمد شيخ ۽ سخي قبول محمد فاروقي، اڳوڻي گورنر سنڌ ڪمال اظفر
کي سچل چيئر طرفان سچل تي ڇپيل ڪتاب تحفي طور پيش ڪري رهيو آهي.

گورنر سنڌ ڪمال اظفر بهترين مقالا نگار طور خضر نوشاهيءَ
کي سچل ايوارڊ ڏئي رهيو آهي.

گورنر سنڌ ڪمال اظفر بهترين ورڪر طور مختيار ملڪ
کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي.

گورنر سنڌ ڪمال اظفر بهترين آرٽسٽ طور غلام نبي فاروقي
کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي.

گورنر سنڌ ڪمال اظفر بهترين گلوڪار طور فيروزگل جو سچل ايوارڊ
سندس فرزند کي ڏئي رهيو آهي.

ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي اسٽيج جي ويڪ ڊاڪٽر تنوير عباسي،
ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ محمد علي حداد

محفل مشاعري جي موقعي تي اسٽيج جي ويڪ نياز همايوني،
تاجل بيوس ۽ اياز گل

ڈاڪٽر تنوير عباسي، محمد يونس ڏاگها، نياز همايوني، ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو،
ڈاڪٽر نواز علي شوق، سرڪش سنڌي، تاجل بيوس، خضر نوشاهي، ڈاڪٽر شاهنواز سومرو،
محمد علي حداد، ڈاڪٽر غلام نبي سڌايو، محمد پنهل ڏهر، نصرت حسين ابڙو،
ڈاڪٽر بشير احمد شاد، اُميد خيرپوري، ملڪ نديم

عبدالغفار تبسم، ادل سومرو، ايار گل، ذوالفقار سيال، منير سولنگي،
انعام شيخ، حافظ محمد بخش، غلام نبي عاقل، مولوي عبداللطيف سكندري،
خادم عباسي، كوثر پرڙو، مير صوبدار سعيد، امام راشدي، ضمير قل،
فرزانہ كنول، قربان منگي.

قاضي مقصود گل، مختيار گهمرو، وسيم سومرو، ممتاز بخاري،
شڪيل پريالوي، دانش، محمود سومرو، ضمير لاشاري، غفور چانگ،
ابراهيم ڪرل، بشير منگي، اعجاز چنہ، سجاد ميراثي،
امجد دراني، حبيب ساجد

صفر کلهوڑو، خالد هانيڙ، اختر تانوري، مظهر ابڙو، امان ڦل، وشال امير، لالڙ چنه، حزب الله آءِ سومرو، جيل شهزاد، حبدار جاگيراڻي، قاسم ملڪ، بيخود بلوچ، سعيد منگي

سچل جو انداز فکر

ڈاڪٽر عبدالجبار جوٹيجو

سچل سرمست جي ڪلام ۾ مضمون، هيئت ۽ زبان جون نيرنگيون.

سچل سرمست جي ڪلام جي مختلف پهلوئن تي هن وقت تائين محققن گهڻو لکيو آهي. جنهن ۾ مضمون، هيئت، زبان ۽ لفظي توڙي معنوي خوبين جو ذڪر ٿيو آهي. سچل سرمست جي سوانح عمري ۽ ڪلام جا اڪثر پهلو بحث هيٺ آيا آهن، انهن ۾ سندس هفت زبان شاعر هجڻ يا نه هجڻ توڙي ڪو ڪلام چوڻ يا نه چوڻ جا معاملا به آهن. شايع ٿيل ڪلام جو مستند هجڻ واري ڳالهه نهايت اهم آهي. هن سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي شايع ڪيل سرائڪي ڪلام جي آخر ۾ ڏنل اردو غزلن جو معاملو به شامل آهي. شاعر جو سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام شايع ٿيل آهي ۽ هاڻي سچل چيئر جي سر پرستي هيٺ نماڻي فقير وارو رسالو ٻيهر شايع ڪيو ويو آهي ۽ نالو علي گوهر جو آيل آهي، تنوير عباسيءَ جي ڪاوش اڃان تـ سردخاني ۾ آهي.

۱۹۸۰ع ۾ سچل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پير صاحب حسام الدين راشديءَ جي تقرير ۾ هن اهم پهلوئن تي ڪي رمارڪ موجود آهن. اهي هي آهن:

1. ڇپيل رسالا غلط آهن.
2. سرائڪي ڪلام (سنڌي ادبي بورڊ وارو) جعلي آ.
3. سچل سواءِ سنڌي زبان جي باقي جيڪي ڪجهه ڇيو، اهو خام آهي. (سرمست ۱۹۸۲/۲ع، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور، ص ص 30-31).

پير صاحب جا رمارڪ نمبر ۱ ۽ ۲ بحث جوڳا آهن ۽ تحقيق جو

کو انت ۽ ڇيهه ڪونهي. ڪلام جي متن جي صحت ۽ ڪلام جي ملڪيت بابت تحقيق جا دروازا کليل آهن. رمارڪ نمبر 3 ڏيان ڇڪائي ٿو. زباني گفتگو ۾ گهاتي واڌي ٿي وڃي ٿي. پير صاحب جي ادب ۽ احترام جي ڪري سردست لب ڪشائي نه ڪجي ته به هن رمارڪ تي ڇپيل سنڌيءَ ڪانسواءِ ٻين هولين جي ڪلام جي چنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. پير صاحب فارسيءَ جو اسڪالر هو ۽ ڪلام جي زبان جي صحت جو بهتر ڄاڻو هو. هيڏانهن سرائڪي ڪلام پنهنجي نغمگيءَ سبب مٿاهون ٻيٽو آهي.

ساڳي تقرير ۾ پير صاحب اهو به چيو آهي ته:، مان سجهان ٿو سچل ته ڪيترين ڳالهين ۾ اسان جي شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪئون تمام گهٽو مٿي آ. "(سرمست ص ٣٢). آغا صوفي ۽ قاضي علي اڪبر اڳ ۾ اها ڳالهه ڪري آيا آهن. عقيدت جي حد ڪيتري آهي، ان جو جواب پروفيسر لطف الله بدوي "تذڪره لطفي" ۾ ڏيئي چڪو آهي. البت علمي لحاظ کان شاعرانه ڪمال جي ڪٽ ڪرڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي. پير صاحب محترم جي ذڪر ڪيل رمارڪس ڏانهن ڏيان ضرور ڏيڻ کپي ۽ ٻنهي شاعرن جي شاعرانه ڪمال جي ڪا حد نه آهي. شاه صاحب اسان جي هڪ اک آهي ته سچل سرمست ٻي اک! ڪنهن کي گهٽ گهربو؟

هتي آئون سچل سرمست جي شاعرانه ڪمال جو اندازو فقط سچل جي رسالي (ادبي بورڊ اشاعت) جي ڪلام ۾ آخر ۾ آيل متفرق ڪلام واري باب مان ڪلام جي هيئت، زبان ۽ مضمون جي خوبين ۽ نيرنگين جو ٿورو ذڪر ڪريان ٿو. لفظ "نيرنگ" جي آڏار تي اسين اڪثر نيرنگ (جمع: نيرنگيون) ڪر آڻيون ٿا. اصل ۾ فارسي لغت ۾ نيرنگي جي معنيٰ: اتڪل، فريب،مڪر، حيلو، سحر (جادو) آهي (فرهنگ عميد از استاد حسن عميد، اڻون ڇاپو، تهران ص١٠٧٩). اسين حسن ڪاري، رنگا رنگي ۽ انفرداي درجي جي معنيٰ ۾ نيرنگي ڪر آڻيون ٿا. تمام گهٽ ۾ شعر جي باري ۾ جو پسڻ، ڇڻ شعر ۾ حسن ۽ خوبيءَ کي پسڻ آهي. هتي منهنجي مراد به اها ئي آهي ۽ متفرقي ڪلام واري باب جي حوالي سان ڏسون ٿا. دنيا جي عظيم ليکڪن ۽ شاعرن وٽ نه رڳو لفظن جو جادو موجود آهي، پر معنيٰ ۽

مطلب ۾ ب جيڪا سحر ڪاري ڪن ٿا، سا عام ماڻهوءَ کي توڙي علم واري کي ڏنـدين آڳريون ٽي ڏيئي ڇڏي. هو سوچين ٿا تہ شاعر اهي لفظ ۽ اها معنيٰ کيئن منڊيءَ تي ٽڪ وانگر جڙيل هڪڙي هنديءَ جي شاعر سون کي کيئن ڏو معنيٰ ڪري ڪم آندو آهي.

سونا لاون پي گئي، سونا ڪم گئي ديس،
سونا ملا نہ پي ملا، روپا هوگئي کيس.

نازڪ خيالي، جذبات جي اٽل ۽ بيان جو ڪمال، اعليٰ شاعريءَ جو مثال ڪبير ۽ ٻين هنديءَ جي شاعرن وٽ موجود آهي. ڪبير هڪ شبد ۾ چوي ٿو.

ماٽي ڪهي ڪمهار کو، تو روندي هئي موهي،
اڪ دن ايسا آئي گا، مين روندون گي توهي،
ڪبير آپ ٺگائين اور نہ ٺگي کوئي،
آپ ٺگي دک اوبجي، اور ٺگي دک هوئي.
ساجن هر تر ايڪ هين ديکن کي هين دو،
من سي من کو تولئي، کيي نہ دومن هو.

ميران ٻائي وانگر هنديءَ جي هڪ ٻي شاعره سهجوَ ب پنهنجي شاعرانہ حسن ڪاريءَ جا رنگ لائي ڇڏيا. سندس هي ب دوها ب جذبات جي اٽل ۽ زبان جي حسن جو نمونو آهن.

ٻانهن ڇڙائي جات هو، نربل جان کي موهي،
هردي ۾ سين جاؤگي، مرد بنڊوگي توهي.
پننهن سگا سوئي سگا، هڊ سگا نا کوئي،
مان بيڪ تريا جري، اچرج جگ کو هوئي.

اردوءَ جي اعليٰ شاعرن ۾ غالب، مير، ذوق، اقبال، فيض ۽ فراق موجود آهن. غالب، جو هيئيون شعر مونکي سندس شاعرانہ اڏام جو بهترين مثال لڳندو آهي.

سب کھان ڪڇ لالہ وگل ۾ نمايان هوگين،
خاڪ ۾ ڪيا صورتين هونگي ڪ پنهان هوگئين.

اهڙي طرح خواجہ فريد جي ڪافيءَ مان هيٺيون مثال بہ بلند خيالي، تسلسل ۽ لفظن جي جڙت جو بي مثال نمونو آهي.

ميڏا عشق وي تون ميڏا يار وي تون،
ميڏا دين وي تون، ايمان وي تون،
ميڏا جسم وي تون، ميڏا روح وي تون،
ميڏا قلب وي تون، جند جان وي تون،
ميڏا ڪعبہ قبلہ مسجد منبر، مصحف تي قرآن وي تون،
ميڏي فرض فريضي حج زڪواتان، صوم صلواة اذان وي تون.

سنڌي شاعريءَ ۾ شاه ڪريم، شاه لطيف ۽ شاه عنات، سچل، بيدل، روحل ۽ ٻين جي ڪلام ۾ اعليٰ شاعريءَ جا ڪئين مثال موجود آهن. شاه ڪريم ڪانوئي جيڪي تصوف، عشق ۽ نصيحت جا رنگ پسجن ٿا، تن ۾ سچل ۽ سندس دبستان جا شاعر، نہ رڳو نئون اضافو آهن، بلڪ قلندرانہ نعرن جو پڙاڏو بہ آهن. چند لفظن ۾ انهن نينهن جي نعرن جو ذڪر ممڪن ٿہ ڪونهي، پر سچل سرمست جي ڪلام جو آهنگ پرکڻ لاءِ چند مثال عرض ڪريان ٿو. پاڻ سچاڻڻ يا حيرت جي عالم ۾ هجڻ واري حالت ۾ سچل سرمست چوي ٿو. چا انداز، چا زبان ۽ بيان آهي:

آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهان نہ چاڻان !
بعضي پانيان پتلي، يا آهيان ڪڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور،
يا تان محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاه،
ٻوليون ڪري ڪيتريون، ٿو درنئون داناه،
يا تان گهوڙو آهيان، جو هلائي هسوار،
يا تان موج درياه جي، جا ٻوڙي ٿي ٻاهار.

جي پرکي ونی ٿو ته ان ڳالهه جو جواب خود ڏي ٿو ته آءُ چا آهيان. جڪي پير مغان ٻڌايو آهي، ان جو اظهار ڪري ٻه چوي ٿو ته ڪيئن سلان ڇو جو عام ان کي سمجهي نه سگهندا.

هڪي ڏهاڙي پير مغان، مون کي ڳالهه ڳجهي فرمائي!
سلڻ جهڙي ناهي سا، جا پاڻ پرين پرجهائي،
عام نه ميڙن ان کي، جا صاحبن سمجهائي،
مٺ منجهاروٗن مئي جي، تنهن ساقيءَ سرڪ چکائي،
پيالي مٿون پرواز ٿيو، واءِ وئي ٻي وائي،
عبد چاتو ٿي جنين، تن بازي هٿ هارائي،
حق کوٗن حق نصيب ٿيو ٿي، مدعا سچوءَ سيائي.

ڳوڙهي مضمون کي سمجهڻ هر خاص و عام جي سمجهڻ جي وس ۾ نٿو ٿئي. هر کو پنهنجي سوچ، معيار ۽ بساط آهر سمجهندو. ائين هيئت جي نيرنگي ٻه شاعر جي طبع جي جولانيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سچل جي واين، ڪافين، ڪافي نما غزلن ۾ غزلن ۾ ٻه نغمگيءَ ۽ آهنگ جا ڪيئي رنگ آهن. غزل، جو محبوب سان رمز ۽ راز ونياز جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ مخصوص آهي، تنهن ۾ سچل سائين جو آواز و آهنگ مختلف ۽ نقش و نگار نوان آهن. پير مغان محبوب جي درجي تي آهي، اُن جو آستان چمڻ جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو.

دل چپن سان جي چمين، پير مغان جو آستان،
محبت سچي محبوب جي بانڪا وڃي تون باس تان،
کي ڏينهن مون دلدار لئ، ورد ۽ و ظائف ٿي پڙهيا،
جڏهن عشق آرانيا ڏنا، ٿيون خود خدا جون خواستان،
جڏهن شوق مون شامل ٿيو، ٻيو خيال خاطر کون ويو،
هڪ واسطو تنهنجو رهيو، وسري ويون ٻيون واسطان.

غزل وانگر ڪافيءَ ٻه سچل سرمست جو رنگ و آهنگ منفرد آهي ۽ فقط دبستان - سرمست جي شاعرن زبان ۽ بيان جي لحاظ ڪان اختيار

ڪيو. خوش خير محمد، نانڪ يوسف، بيدل، بيڪس، عبدالله ڪاتيار، گهرام فقير ۽ ٻين وٽ اهو رنگ و آهنگ موجود آهي. سيني جي ڪلام جو تقابلي جائزو ونڊ سان اهو ثابت ٿئي ٿو. سچل سائين ڪافيءَ جي مضمون، زبان ۽ هيئت کي هيئن نباهي ٿو:

وهان وساري ڪيئن؟ جيڏيون جي لٽئون لائي ويا.
گهوري چڏير هي گهر جايون، بره بهيران پٽيءَ لايون،
پير نہ پوءِ ورايان، وري سنياريان ڪيئن؟
شهر پنيور کان ٽير آزادي، ڪيچ ويندي ئي ڏٺير شادي الخ
تنهن سان نينهن نيايان، پوءِ نهاريان ڪيئن ؟

جي ڪافين جي مختلف هيئتن کي ڏسجي تہ ٻہ سچل وٽ مختلف هيئتن ۾ ڪافيون ملنديون. اُن ڪري نغمگيءَ ۾ ٻہ اضافو نظر اچي ٿو ۽ مضمون ۾ ٻہ اثر انگيزي ملي ٿي. هڪ مستزاد ڪافيءَ جو مثال هي آهي.

حال اچي ڏس هاڻي، وهي ٿو پنبڻون پاڻي،
پاڻ ڄاڻين.
آءٌ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، سائين تون پاڻ سيڃاڻين.
پاڻ ڄاڻين.
سڌ لهج تون سگهڙي تنهن جي، جاني ڪيو جوڳياڻي،
پاڻ ڄاڻين.
ڏيئي ڏيڪاري پاڻ ڇپايو، پلي اها توکي پاڻي،
پاڻ ڄاڻين.
روز ازل کون در تنهنجي تي، والي سا هيءَ وکاڻي،
پاڻ ڄاڻين.
سيني اندر يار سچوءَ جي، سڪ سندءِ ساماڻي،
پاڻ ڄاڻين.

اهڙي طرح لفظن ۽ تڪن ۾ تناسب سبب ٻہ نغمگي پيدا ٿئي ٿي. سچل سرمست وٽ اهڙا ٻہ ڪيئن سهڻا مثال موجود آهن.

نہ مان مريد نہ مان پير، ساري فقر جو فقير،
نہ مان حاڪر نہ مان ظالم، آهيان امن جو امير،
نہ مان طاعت نہ مان تقويٰ، آهيان ورهہ جو وزير،
نہ مان گهمڻ نہ مان گهٽڻ، آهيان عشق جو اسير،
نہ مان ڪچڻ نہ مان پچڻ، آهيان دوست لئہ دلگير،
سچوءَ ٻڌو محڪم سرتي محبت منڌير.

سچل سرمست پنهنجي گفتي جو پورو پورو نمونو بہ آهي. جئن روحل چوي ٿو.

ڪهڻي تان هر ڪو ڪهي، رهڻ اوکي بات،
پڌري ٿئي ٿي ذات، رهڻيءَ مان روحل چوي،

سچل پاڻ کي عشق جي جذبي هيٺ مڪمل ملوث سمجهي ٿو، نينهن جا نعرا هڻي ٿو ۽ يار جو جادو هر وستوءَ ۾ پسي ٿو چوي ٿو:

عاشق اکيون ٻُڌي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان،
ظاهر زباني ٿو ڪريان، عجب جيهو اسرار ميان.

ٻين اعليٰ شاعرن وانگر سچل سرمست محبت ۾ ممتاز آهي. هو سراپا عشق آهي ۽ مڪمل طور يار جي خيال ۾ متغرق آهي. جئن لنواري وارو خواجہ سلطان الاوليا محمد زمان فرمائي ٿو.

عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، ايان اوراهان ٿيا.

يا جئن شاہ لطيف فرمائي ٿو،

نڪادل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
نڪي ڪر ڪفر سين، نڪا مسلماني من،
آپاڻين چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو.

سچل سائين ان محبت ۽ عشق کي سانوڻ لاڻڻ ٿو سڏي، ان عشق

جي ڪري آسمان بہ عزت لڏي، معراج شريف ڏي اشارو ٿو ڪري ۽ عشق رسول ظاهر آهي.

عشق اسان وٽ آءُ، اچي توتان سانوڻ لائيا،
چئنچل چيهل ٽي چوڏاري، مينهن رات ڪٽي موچاري،
عزت لڏي آسمان، پرين اچي پير گهمايا.
بوند برهه جي برسي باري، جوش اکين مؤن جرٽيا جاري،
بيحد ٽيا باران، اصل کون واهه وهايا.

هن محبت کي سامي ساڻ سنگت جي پيماني ٿوري ٽکي ٿو:

جنهن کي رنگ لڳو،سامي ساڻ سنگت جو
ٽي تنهن جي گهر مؤن، اوديا پوت پڳو،
ڪيائين صاف سمجهه سان، پيچو ۽ اڳو،
وڪٽي ڊور ڊڳو، ستہ مليو سروپ سان.

سچل سرمست اُن عشق جي اثر کي ڪيترن روپن ۾ پسي ٿو. اکين جي اشارن ۽ نيٹن جي ناز ۾ ڏسي ٿو ۽ حسن جهان سوز جو جلوو سندس اکيون پسن ٿيون:

تنهنجي چشمن چينڪ لايو، آءُ هاڻي ڪيئن ڪريان
ڪا نہ مون کي ڪا هئي، عشق اچانڪ آيو،
دل اسانجڙيءَ لعل لپيٽيو، رمزن جو رنگ لايو،
سدا گهرجي سچوءَ کي، محبت جو ني مايو.

سچل سائين جو ڪلام معنيٰ جو هڪ بحر بي ڪنار آهي. ان مان نموني طور ڪجهه پيش ڪيو اٿم نہ تہ هن بحر بي پايان کي اونهو ويجي ان جو انت لهڻ نا ممڪن آهي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

سچل جي شاعريءَ ۾ ڪانگ جي علامتي حيثيت

سچل سائين جي عظمت مشرق توڙي مغرب ۾ تسليم ٿي چڪي آهي. پر ان جي شاعري ۾ علامتن جي حوالي سان ڳاڻ ڳٽيو ڪم ايجا تائين ٿي ڪونہ سگهيو آهي. هن جي شاعري سندس منصوري نعري ۽ سرمستي جي گونج ۾ ڏيجي ويئي آهي. انهيءَ حقيقت کان تہ ڪو بہ انڪاري ڪونهي تہ منصور حلاج روحاني آزادي جو علمبردار ۽ پنهنجي دور جي روايتن جو باغي هو ۽ نہ وري انهي حقيقت کان انڪار ڪيو تہ عشق جي آخري منزل سرمستي آهي. پر هتي صرف اهو ڏسڻو آهي تہ شاعرانہ انداز جيڪي ڪوڙ ساريون خوبيون سچل ۾ موجود هيون، انهن مان هڪ انداز ۾ علامت نگاري بہ آهي.

سچل کي ڪنهن رومان پرور سڏيو تہ ڪنهن ڪلاسيڪل ادب جو چاٽو تہ ڪنهن وري حقيقت پسند ڪوٺيو. دراصل سچل ۾ اهي ٽئي خوبيون موجود آهن. ڪلاسيڪيت ٿي انساني زندگي جي مڙني شعبن جي اصولن کي ترتيب ڏنو، خوبصورتي، جماليات ۽ فن کي ڳولیو ۽ ڏاهپ ۽ اصول پرستي کي عام ڪيو، انهن سيني ڳالهين جي باوجود بہ سچل ۾ رومانيت پسندي جو رجحان وڌيڪ ۽ نمايان آهي. ۽ انهي ڪري ٿي هن کي پنهنجي ماضي سان محبت آهي. چوي ٿو:

سومل سان سمهڻ جا، ڏاڍا ڏٺم ڏک،

سوڍي وارا سک، ملڻ مون مشڪل ٿيا، (سُر راڻو)

جنهن شاعري ۾ علامتن جي آميزش نہ هوندي اها شاعري زندگي جي رنگيني ۽ رعنائي کان خالي هوندي. سچل جي شاعري جون علامتون سڀ

سماجي نفسيات جي ترجماني ڪندي، حال مطابق مطلب ۽ معنيٰ ظاهر ڪن ٿيون.

جيئن ته سچل هڪ صوفي به هو ان ڪري سندس صوفيانه علامتون پڻ اظهار خيال جو بهترين ذريعو ثابت ٿيون آهن. اهي سڀ، ڪنهن رازداري بدران اظهار جي اهڙي قوت بڻجي نروار ٿيون آهن، جنهن سان نه صرف شاعري ۾ فني پختگي آئي آهي پر معنوي حيثيت ۾ به اضافو آيو آهي. سچل پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي علامتون استعمال ڪيون آهن، اهي سڀ سماجي سطح تي اظهار جو وسيلو ۽ معنوي صورتگري جو نمونو آهن. پر سندس ڪي علامتون لڪل ۽ پراسرار به آهن. هتي اسين ڪانگ جي علامت تي بحث ڪنداسين.

ڪانگ ظاهري طور تي ڪارو، بدآواز، ڪن ڦٽ ڪائيندڙ ۽ ڪراهت وارو پکي آهي. پر هتي اسان جو ڪانگ جي رنگت سان ڪو به واسطو ڪونهي. ڇو ته رنگ جو تصور هڪ جدا حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جڏهن ته ڪانگ جو سمبل هڪ اهڙي مثانهين حقيقت آهي جنهن تائين رسائي لاءِ اسان کي جدا تصور ذهن ۾ رکڻو پوندو. ڇو ته سنڌي ادب ۾ ڪانگ جي حيثيت هڪ پيغام پهچائيندڙ، گندگي کان روڪڻ، ۽ سچائي ڏانهن مائل ڪندڙ شخصيت، هڪ مرد مومن، هڪ انقلابي انسان، هڪ ڏاهي ۽ هڪ سالڪ جي بڻجي پيئي آهي. اهڙا انسان پنهنجي سماج ۾ ٿيندڙ انيائن، ڪرمن، ڪوتاهين، مونجهارن تي نه صرف تڙپي اٿن ٿا پر انهن مسئلن کي نيبرڻ لاءِ هر ماڻهو وٽ پهچي پنهنجو سنيهو به ڏين ٿا، اهڙن مقصدي ماڻهن جي حيثيت کان ته ڪو به انڪاري ڪونهي پر تاريخ ۾ اهڙي ماڻهن سان وڏا انياءَ ٿيا آهن. انهي ڪري ئي اسان جا شاعر ۽ اديب اهڙن شخصيتن جي عزت، عظمت ۽ ڪر تي گهري نگاهه رکن ٿا ۽ انهن جي ڪارنامن ۽ ڪارڪردگي (Behaviour) جو به رکارڊ رکن ٿا. اهڙائي شاعر سماجي سچائي کي ظاهري طريقي سان به ماڻهن تائين پهچائن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو پيغام لوڪان لڪائي اشارن ڪنايون ۾ به عوام تائين

پهچائيندا آهن. سچل به پنهنجي ڪلام جي هڪ باب ۾ ڪانگ جي علامت استعمال ڪري پنهنجو پيغام پهچايو.

سچل چاڻي ٻيو ته ڪانگ هڪ اهڙو پکي آهي جنهن ۾ ايڪي اتحاد، اجتماعيت، تيز، ذهين ۽ سخت جان هجڻ جا گڻ موجود آهن، ۽ انهن خوبين ڪري ڪانگ جي علامتي حيثيت کي سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ ڏنائين. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين ڪانگ لاءِ هڪ پورو سر مالڪونس لکيو آهي. جنهن ۾ ڪانگ جي حيثيت مقرر ڪري، هن نه صرف پوئين دور جي ماڻهن جو، پنهنجي ڏاهن ۽ عظيم انسانن جي صلاحن ۽ مشورن ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ ڳڏوڳڏ انهي ادبي روايت کي به برقرار رکيو جيڪا هندي شاعري ذريعي، پٽائي وٽ آئي ۽ ان بعد سچل ان کي استعمال ڪيو.

سچل وٽ، ڪانگ اهڙن انسانن جو سمبل آهي جيڪي پوري انساني سماج کي هڪ وجود سمجهندا آهن ۽ آهي کنهن به صورت ۾ پنهنجي وجود جي ورچ ڪرڻ ڪونه چاهيندا آهن. سندن خواهش هوندي آهي ته سماج ۾ ڪا تفرقي جي تحريڪ نه هلي ۽ نه تون ۽ مان جو ويڇو پيدا ٿئي. حاڪم ۽ محڪوم ۾ پيءُ پٽائي جو رشتو رهي ۽ ملڪ ۾ آزادي، خوشحالي ۽ پيار جو وهنوار عام ٿئي.

سچل سائين جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن پنهنجي شروعاتي شاعري ۾ ئي ڪانگ جي علامت استعمال ڪئي آهي. ڇو ته اهيئي ڏينهن هڻا جڏهن سچل سرمست جي رهبريءَ هيٺ سنڌي عوام تصوف ۽ حب الوطني جي وهڪري ۾ هڪ پاسي وڃي رهيو هو ته ڪلهوڙا خاندان ۽ سندن منحرف مريد ٽالپر امير، سنڌ تي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ۽ پنهنجي مخالفن کي نابود ڪرڻ جي مهم ۾ مشغول هئا. ڪلهوڙا ۽ ميرڪابل جي حڪمرانن کي محض انهي لاءِ سال بسال ٻارنهن لک نذراني طور ادا ڪيا هيا ته جيئن هو ڪين پنهنجي خاندان ۽ عوام مٿان مسلط رکڻ ۾ مدد ڪندا رهن ۽ سندن حق ۾ حڪومتن جو پروانو جاري ڪندا رهن.

سچل سائين حڪمرانن جي اهڙي حالت تي ڏاڍو ارماني آهي ۽ هن

سان گڏ پاڻ جهڙا توڙي آتڻ ۾ وينل سيئي ماڻهو به انهي ڏکي حالت تي پريشان آهن ۽ اهڙي صورتحال جو سربستو مذڪور سٽائڻ لاءِ سچل ڪانگ کي ڏاهو ڪوئيندي اها سمبل استعمال ڪئي.

ڏاهي چڙهي ڏارتي، ڪا جالنئي لات،
ڏک ڏنائين سپ کي، وائي آٽي وات،
پيون ۾ هيهات، آتڻ واريون اتهين.

هتي ڪانگ جي آواز کي هڪ ڏاهي جي آواز سان علامبو ويو آهي. چو ته ڪانگ ئي هڪ اهڙو پکي آهي جيڪو ڏاهپ ۽ حساس طبعيت جي ڪري پنهنجن جو نفاق ۽ تفرقو ڏسي پريشان ٿئي ٿو.

اندروني اختلافن جو اثر سڌو سنئون عوام تي پوي ٿو حڪمرانن جي اهڙي صورتحال کي سچل سائين فارسي ديوان آشڪار ۾ چتو ڪيو آهي. چوي ٿو ته مان بادشاهن جي حڪمراني ۽ غريبن تي بي پناهه ظلم ٿيندي ڏٺاآهن. وقت جي حاڪمن جي در تي عابد ۽ زاهد ماٺهن کي خوار ۽ بدحال ٿيندي ڏٺو آهي. حڪمرانن جي خوف کان عوام جا چهرا زرد ٿي ويا آهن. مون هر هنڌ تي هر زنده شيءِ کي پريشان حال ۽ دانهون ڪندي ڏٺو آهي. شاعر جو اهو مشاهدو ڪيس مجبور ڪري رهيو هو ته حڪمران پنهنجي چال چلت ۽ ڪاروهنوار ۾ تبديلي آڻين. هن هڪ ڏاهي جي حيثيت ۾ انهي اميد سان کين پيغام ٿي ڏنو ته موٽ ۾ ڪيس مثبت جواب ملي. اهڙي صورتحال سٽائيندي چوي ٿو:

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڙهي چوي،
آندو اٽر پاڻ سان، نينهن پريو نامو،
توڙي ساريو سڃڻان، ڪير راتيان روانو،
پڙهي پروانو، مون کي جلد جواب ڏي.

اڄڪي سنڌ جا اڪثر ديني مدرسا، مسجدون ۽ علماء سنڌي ماڻهن جي روحاني، اخلاقي ۽ سياسي مونجهارن کي دور ڪرڻ لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا هئا. پر آهي به پنهنجو اعتماد وڃائي ويٺا هئا. سچل اهڙن ئي

عالمن ۾ مذهبي رهنمائن لاءِ چوي ٿو ته مون قرآن پڑهڻ وارن حافظن کي بي عمل ڏٺو آهي، وقت جا قاضي پڻ حالتن کان بي خبر آهن ۽ مون دنيا جي ڪمن ڪارين لاءِ عالمن کي رات ڏينهن سرگردان ڏٺو آهي.

مسجد د وچ ڪاڻ ٽڪر د ، ڏيون بانگ صلواتان،
منهن چهـ ، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڑهـن خلواتان،
عالم ليک روز رکهد ، پرهن ڪانوڻ ديان آفاتان،
سچل راه نه اها سچ دي، بره واليان بيان باتيان.

تنهن وقت بدترين نظام حڪومت رائج هو. جنهن ڪري عوام سخت پريشان هو ۽ هر پاسي خوف ۽ هراس ڇانيل هو. سچل سائين اهڙي حالت ڏسي چوي ٿو ته پنهنجن سڃڻ، پنهنجن پيارن جا اهڙا پرڪار پسي، ڪهڙي مقصدي ماڻهو جي اندار ۾ جهير نه پوندا؟ تڏهن ته ڪانگي جو هنيانءَ ۾ ڦسي پوي ٿو. هتي ڪانگو عام ڪانگي جي حيثيت کان اڳتي وڌي هڪ علامت ۽ خاص تصور ٿي پيو آهي. تڏهن ته هن جو هنيانءَ ڦسي ٿو ۽ هو پنهنجي حيثيت ۾ هڪ لازوال ڪردار ٻڌجي پوي ٿو.

ڪي جو ڪانگو ڏسي، ڪالهـ اوڏاهون آئين،
پيس هنياءُ ڦسي، ڳالهـيون ڪندي سڃڻين.

اهڙي لافاني حيثيت ۽ مقصدي ماڻهو جي ڪردار کان سچل پوري طرح واقف آهي. پر هو انهي تي ارماني آهي ته سندس ڏيهـ جو ڪو بـ حاڪم يا سرڪردو امير، اهڙي شخصيت، قومي سوچ رکندڙ ۽ سماجي هلچل هلائيندڙ ۽ انيائن کي هٽائيندڙ مرد مومن کي سڃاڻڻ وارو ڪونهي. سڀ اکيون هوٽيو، ايندڙ وقت کان بي خبر وڻان ۾ پورا آهن. پر سچل جي اها خواهش آهي ته اهڙي لافاني ڪردار جي عزت ۽ توقير هن طرح ٽيڻ گهرجي.

سڀ ڪنبـ ڪريان تانهنجا، ساڻ جواهر جڙاءِ،
عطر ڪتوري اوتيان، بيا ماڻڪ تو متاءِ.

پکٹيڑا پويانءِ، لڙهان موتين سنديون،
آءُ اڏامي اوڏڙو، تا جهولي ۽ ۾ جُهولياڻءِ،
سيئي ڪنب ڪٿوري ۾، لاکٽيان لوئياڻءِ.
پوءِ ساور سمهوياڻءِ، هڪ هڪ ڪري هٿن سان.

سنڌ حڪومت جا حاڪم نہ سچل جي پيغام تي ڪن ڌرين ٿا ۽ نہ پنهنجن جهيڙن ۽ تفرقن کان جان ڇڏائن ٿا. آشڪار جو هي شعر ڏسو. جنهن مان شاعر جي سياسي سوچ جي سڌ ملي ٿي.

پسر جنگ با پدر دارد،
بہ ننگ وبي نشان را ديدم.

سچل چوي ٿو تہ مون بي ننگ ۽ بي ناموس پٽ کي پيءُ سان جنگ ڪندي ڏٺو آهي. هن شعر ۾ خيرپور جي ميرن جي هڪ اهم تاريخي واقعي ڏانهن اشارو آهي. جڏهن مير سهراب خان پنهنجي پٽ مير رستم خان جي حق ۾ 1811ع دست بردار ٿي ويو. پر بعد ۾ مير علي مراد خان جي ڪري پيءُ پٽ ۾ زبردست سياسي ڪشمڪش شروع ٿي ويئي هيءَ ڇڪتاڻ پيءُ پٽ نہ بلڪل ہن پائرن مير رستم، مير علي مراد جي وچ ۾ ٿي هئي. جيڪا مير رستم خان جي معزولي تي ختم ٿي. سچل اهڙي صورتحال تي سخت غمگين ۽ پريشان آهي.

قاصد ايندي ئي، پيو شوڪارن ۾،
نياپا ڏيندي ئي، ساڻي ساهہ مٽي ويو

ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو صاحب انهي واقعاتي بيت لاءِ لکي ٿو تہ سچل سرمست انهي صورتحال کي جدا جدا اشارن سان بيان ڪيو آهي، سندس بيان ۾ قاصد ۽ واچيندڙ (خط پڙهندڙ) ہ اهم ڪردار آهن، جيڪي مورڳو عاشق ۽ معشوق کان بہ جذبات ۾، روئڻ پٽڻ ۾، آهون ۽ شوڪارا ۾ اڳرا آهن.

ڈاڪٽر جوٽيجو صاحب هتي انهي ڳالهہ کي مڃيو آهي تہ ڪانگ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

جذباتي طور تي پنهنجي مقصد سان واڳيل ۽ سماجي سوچ رکندڙ ڪردار جو تصور (Concept) آهي.

سنڌ جي صورتحال تي جيڪي به انهي سماجي مهر سان واڳيل انسان هٿا انهن جو پاڻ ۾ هڪ زنجيري ڳانڍاپو هو. انهن چاهيو پئي ته وقت جا حاڪم سندن هلچل کي سمجهن ۽ شل سندن سوچون ۽ رويا تبديل ٿين. اهڙا انسان جڏهن پنهنجي هر خيال مقصدي ماٺهن کي، حاڪمن جي روين ضد ۽ سادگي جي ڄاڻ ڏيندا هٿا ته اهي سياڻا انسان اهو پاسيندا هٿا ته شايد هن خط ۾ اهڙا سنديشا هجن جو حاڪم پنهنجي ماضي واري روش تي نظر ثاني ڪرڻ لاءِ آماده ٿيا آهن. پر ان جي ابتڙ جڏهن خط جو مضمون پڙهندا هٿا ته کين خبر پوندي هئي ته "ساڻيا لاٽون ساڻيا جڳهه" وارو معاملو آهي. اهڙي صورتحال کي سچل هٿين سٽايو آهي.

هن پانيو نامو، پر شعلو هڻڙو شوق جو،
جند سارو جامو، تنهن جو سڀ سڙي ويو.

سچل سائين جي حياتي ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي سياسي تبديليون اچي چڪيون هيون، جنهن ڪري ڪيس سدائين سنڌ جي آزادي ۽ ماٺهن جي خوشحالي جو اونو رهندو هو. 1818ع ۾ ملتان ۾ سکن قبضو ڪيو يعني سچل جي وفات کان 9 (نو) سال اڳ ۾ اهو واقعو پيش آيو. ان کان اڳ ۾ شاه شجاع، محمود شاه کان شڪست کائي سنڌ ۾ وارد ٿيو. اهي اهڙا واقعا هٿا جن سچل سائين جهڙي مدبر ۽ ڏاهي شاعر کي ميرن جي ذهني مدد ڪرڻ لاءِ اڪسايو. پر افسوس صد افسوس جو مير صاحبن سندس صلاحن تي ڪن ڪو نه ڌريو. سچل سائين انهن واقعن ڏانهن اشارو ڪندي ميرن کي سادو ۽ واڻڙو ڪوٺيو آهي. علامتي شاعري جو هي هڪ بهترين انداز آهي جنهن موجب شاعر جيڪي عام شيون ڏسي ٿو انهن جو بيان اهڙي طرح ڪريٿو جو اهي خاص حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. جيئن هن بيت ۾ چئي ٿو:

مڪڙي ڏنم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
مڇيون مارن اوچتو، بانڪا بيپرواه،
لهر بحر جا حاڪم ڇاڻي، شوريا وتن شاه،
وائڙا رکن تن مٿان، ويچارا ويساه،
آسرو اڙين جو، آهي منجهه الله،
ڏيئي پاند پناهه، رکي ونندو راج ڪي.

سچل سائين انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان صرف سورنهن سال اڳ وفات ڪئي. هن کي مير مراد علي خان ۽ وليم بينٽڪ گورنر جنرل جي وچ ۾ ٽيل معاهدي جي ٻه خبر هئي. جنهن موجب برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني جي انگريزي واپارين کي سنڌوندي مان محصول کان بغير گذرڻ جو پروانو جاري ڪيو ويو هو. هو مير نصير خان جي انگريز دوستي واري روش جي ٻه خلاف هو. هن جي ايندڙ وقت تي ٻه نگاهه هئي ته ڪيئن آهستي آهستي انگريز سنڌ جي ذريعن تي قابض ٿي رهيا آهن. اها ڳالهه هن ڪلئي عام ٻه ٿي ڪئي ته لوڪان لڪائي اشارن، ڪنايه ۽ علامتن ذريعي ٻه پئي ڪئي، پر افسوس جو حاڪمن ۽ اميرن اهڙن مقصدي پيغامن ڏانهن ڪو توجهه ڪو نه ڏنو.

پني ۾ پيغام، ڪي لکي مڪا سڃڻين،
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتان.

نيٺ اهڙي هلت جو جيڪو نتيجو نڪرڻو هو سو نڪتو ۽ آزاد سنڌ انگريزن جي تسلط هيٺ هلي ويئي.

حوالا:

١. عباسي تنوير: شاه لطيف جي شاعري - ١٩٧٦ع
٢. جوٹيجو عبدالجبار ڈاڪٽر: سندي ادب جي مختصر تاريخ ١٩٩٤ع
٣. شوق نواز علي ڈاڪٽر: سچل سارو سچ - ١٩٨٩ع
٤. انصاري، عثمان علي: رسالو سچل سرمست - ١٩٧٨ع
٥. آشكاري - ٣ - ١٩٩٣ع
٦. شكار - ٤ - ١٩٩٤ع
٧. سرمست - ٩ - ١٩٨٩ع
٨. مولوي حكيم محمد صادق راڻيپوري: سچل جو سرائكي كلام - ١٩٥٩ع
٩. ديوان آشكار - ١٩٨١ع
١٠. آشكار - ١ - ١٩٨٩ع

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

سر مارئي جي فني پهلوئن جو مختصر جائزو

ادب ۾ جيتري اهميت فڪر کي آهي اوتري ئي فن کي پڻ آهي. فڪر ۽ فن جو پاڻ ۾ چولي دامن جو ساٿ آهي. ادب جي ڪنهن به صنف کي پڙهڻ وقت پڙهندڙ جو ڌيان جيترو فڪر ڏي وڃي ٿو، اوترو ئي هو فني لحاظ کان ان جو جائزو ونڻ چاهي ٿو. پوءِ ٻنهي جي توازن کي نظر ۾ رکي ئي کو معيار قائم ڪري ٿو. سچل سائين جو ڪلام فڪري خواهه فني لحاظ کان هر وجه کامل ۽ اڪمل نظر اچي ٿو.

جهڙيءَ ريت سرمست سچل جي شخصيت همه گير آهي. اهڙيءَ ريت سندس ڪلام ۽ پيغام پڻ عالمگير آهي. سندس ڪلام ۾ جتي وحدت ۽ ڪثرت، تصوف ۽ حڪمت، شريعت ۽ طريقت، حقيقت ۽ معرفت، رندي ۽ مستي، خودي ۽ بيباڪيءَ جو سبق سمايل آهي. اتي سندس ڪلام فني خوبين سان به مالا مال نظر اچي ٿو. اهڙين خوبين ۾ فصاحت ۽ بلاغت، سلاست ۽ جدت، لطافت ۽ رنگينيءَ کان سواءِ تجنيسون ۽ تلميحون، صنعتون ۽ تشبيهون پڻ اچي وڃن ٿيون.

هن مقالي ۾ مون سچل سائين رحه جي فقط سرمارئي جي فني پهلوئن جو مختصر جائزو پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ سڀ کان اول شعر جي بنيادي خوبين فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت جا مثال ڏنا آهن، جنهن کانپوءِ تجنيس حرفي، تشبيه ۽ اسم تصغير وارن بيتن جو انتخاب ڪري انهن جو جائزو ورتو آهي.

فصاحت: فصيح ڪلام ان کي سڏبو آهي جنهن جي اچارڻ ۾ زبان کي ڪا به هٽڪ يا هيڪ نه ٿئي ۽ شعر جي معنيٰ خواهه مفهوم پڙهندڙ جي ذهن ۾ سولائي سان اچي وڃي.

سچل سائين رحہ جي سرمارئي جي داستان ۾ئي جو هڪ بيت فصاحت جو عمدو مثال پيش ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

ڏيهہ ڏاڏاڻي، شل سگهي ويندس سومرا،
مونکي ماروئڙن ۾، ڇڏ عمر اماڻي،
ڏينهن گذري ڏک ۾، ٿو ڇاڻيندڙ ڇاڻي،
سک ڏک سنديون ڳالهڙيون، وڃي اوريان ابائي،
نہ تہ ستہ لهندڙ، سگهڙا الله اهي آڻي،
جو هن بنا هاڻي، گهڙي هت نہ گهاريان.

ڇهن سٽن تي مشتمل مٿين بيت جي عبارت ۾ ڪيتري نہ فصاحت سمايل آهي. لفظن جي اچارڻ ۾ زبان کي ڪا بہ هٽڪ يا هيڪ ڪا نہ ٿي ٿئي. معنيٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان پڻ هڪ مڪمل بيت آهي. فصاحت جو هڪ ٻيو سهڻو مثال ملاحظہ ٿئي.

جهانگي جهڙ پياڪ، ناهن شربت هير وان،
ڳاڙهيون ڪاريون، لوئيون، پهرڙ تن پوشاڪ،
لاهج لوئيڙن تان، الله لڳ اولاڪ،
جو رکن هڏهين ڪا نہ ڪا، عمر ٻي املاڪ،
ڪارڙ پرور پاڪ، مونکي ميڙين مارئين.

بلاغت: بليغ ڪلام اهو هوندو آهي جيڪو وقت ۽ حال جي مڪمل طور عڪاسي ڪري ۽ ان مان بلاغت بکندي هجي. سچل سائين فرمايو:

مونکي رات رسيون، ڏيهہ ڏاڏاڻون خبران،
تہ ساڻيهہ سڀ سرهو ٿيو، وڃون واهہ وسيون،
اچي ياد الله ٿو، ڦوڳ ڦلار پسيون،
برابر بادل ڪيون، منيءَ لوءِ لسيون،
ساول ڪائي سبزيون، ٿيون سجيه سسيون،
ڳاڙهيون اڇيون ڪاريون، لاهن غم گسيون،

وڙهيون ڪس ڪسيون، پڻ آهن تار ترائيون.

هن بيت ۾ سرمست سچل ٿر تي وسڪاري ڪانپوءِ واري ماحول جي واهه جو منظر ڪشي ڪئي آهي. رحمت پري بارش ڪانپوءِ ساٽيهه سڀ سرهو ٿيو آهي. ڦوڳ ڦلاريو آهي. هر طرف ساوڪ ۽ سبزي اکين کي طراوت ۽ دل کي راحت پئي بخشي. اهڙو ماحول پسي سڀ ٿر واسي الله پاڪ جا لک شڪرانا ادا ڪري رهيا آهن. ڇا لاءِ ته هاڻي سندن سڀ ڏولاوا ڏور ٿي ويندا ۽ هو سڪيا ستابا ٿي پوندا.

بلاغت جو هڪ ٻيو مثال هن ريت آهي،

ريگستاني راڄ جي، آءُ ڳالهه ڪريان ڪيهي،
ڪن پڇارون پاڻ ۾، سي واريءَ تي ويهي،
ته ايندي ماروئين مارئي، شل پکن ۾ پيهي،
اکند مون ميلاپ جي، آهه جهانگين کي جيهي،
منهنجي تن تيهي، آهي سڪ سنگهارن جي.

مٿين بيت ۾ ٿر واسين جي ڪچهرين جي ڪيفيت بيان ڪئي ويئي آهي، ته ڪيئن هو واريءَ تي ويهي مارئيءَ جي ماڳ موٽڻ جون دعائون گهري رهيا آهن.

سلاست: سلاست مان مراد آهي ته ڪلام جي ٻولي اهڙي ته عام فهم هجي جو ان جي پڙهڻ توڙي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. سچل سائين رحـ جي ڪلام ۾ اها خاصيت پڻ اتر موجود آهي، مثال طور هيٺيون بيت ڏسو:

رجون ريگستانَ، جت وطن ويڙهيچن جو،
راحـرُ ٿي رکيج تون، تن ماروئڙن جو مانَ،
جهونن جهانگيئڙن تي، ڪر عمر تون احسانَ
ته سارو جڳ جهانَ، مر تعر يفان تنهنجون ڪري.

مٿين بيت جي هر هڪ سٽ ۾ هر هڪ سٽ جو هر هڪ لفظ اچار توڙي معنيٰ جي لحاظ کان ڪيترو نه سهنجو ۽ سولو آهي. جنهن کي هر خاص

و عام آسانيءَ سان پڙهي ۽ پرُجهي سگهي ٿو. سلاست جو هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

ويٺا ڳالهيون ڪن، ماروئڙا ملير ۾،
تہ اجها ايندي مارئي، وري هن وطن،
ايڏي اڪيلي آهي، منهنجي جا پٽ جن،
آءٌ سگهي سان تن، وڃي گڏ گذاريان.

جدت: جدت ڪلام جي اها خوبي ليکجي ٿي جنهن مطابق شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ڪو اهڙو نئون خيال پيش ڪري جيڪو ان کان اڳ ڪنهن ٻي شاعر پيش نہ ڪيو هجي يا وري جيڪڏهن پيش ڪيو ٻہ هجيس تہ ٻہ سندس خيال ۾ ڪا ندرت ضرور هجي. سچل سرمست رحہ هن خوبيءَ سان ٻہ خوب نپايو آهي. شعر ملاحظ ٿئي:

ماروئڙا ماندي، آءٌ اوهان ريءَ آهيان،
سکيا اوهين ساڻيهہ ۾، هت بند رهي باندي،
هت قسمت قيدالماء جي، هيءَ اچانڪ آندي،
آهيان اوهانجي ڳالهہ ڪٹون، ويل نہ ڪنهن واندي،
چڳي ٿي چاندي، ايندیس لوئي وٹي لوءِ ڏي.

مذڪوره شعر جي آخري ست جدت جو سهڻو مثال آهي. چڳي ٿي چاندي، ايندیس لوئي وٹي لوءِ ڏي. سچل سائين چاندي جو لفظ پاڪدامني جي معنيٰ ۾ آندو آهي. مارئي پنهنجن ماروئڙن کي چوي ٿي تہ مان پنهنجي ماڳ تي پاڪدامنيءَ واري حالت ۾ ئي واپس ٿيندیس. پاڪدامنيءَ جي تمثيل چانديءَ سان ڏيئي سچل سائين سچ پچ تہ شعر ۾ ندرت آندي آهي.

اسم تصغير: سنڌي زبان ۾ اسر تصغير جي ترڪيب ٻين ٻولين جي نسبت بلڪل آسان آهي جو ڪهڙي ٻہ مکيہ لفظ، صفت يا فعلي اسمن مان اسر تصغير ٺاهي سگهجي ٿو. عام طور مذڪر لفظ جي پٹيان ڙو ۽ مونث لفظ جي پٹيان ڙي لڳائڻ سان اسر تصغير ٺهندو آهي. جئن ٻاهہ مان

باهڑي، جند مان جندڑي، دل مان دلڑي وغيره. اسم تصغير جو استعمال محبت توڑي حقارت ٻنهي کيفيتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٿيندو آهي. پر تصغير وارا لفظ جڏهن انس يا محبت واري معنيٰ ۾ استعمال ڪيا ويڻ تڏا تہ انهن ۾ هڪ عجيب قسم جو مٺاس، لذت ۽ ساءُ محسوس ٿئي ٿو. وري جڏهن اهڙن لفظن کي ڪو استاد شاعر پنهنجي شعر جي مالها ۾ پوئي پيش ڪري تہ انهن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ هيڪاندو نکار اچي وجي ٿو، ۽ تصغير وارا لفظ شعر جي حسن کي چار چند لڳائي ڇڏين ٿا. اول لطيف سائين رحہ جي ڪلام مان اسلم تصغير جا چند مثال پيش ڪجن ٿا.

* مونکي ٿي ماري، انهن سندي ڳالهڑي (سرسامونڊي)
* لاٽيئن مٽان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڑا (ايضاً)
* ڪهہ سا ڪاڻي راتڑي، جا پرينءَ ري پئي (سرمومل راڻو)

هاڻي ڏسون تہ سچل سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ اسم تصغير کي ڪهڑيءَ ريت استعمال ڪيو آهي ۽ شعرن ۾ تشبيهن توڑي تجنيس حرفيءَ جا رنگ ڪهڑي طرح ڀريا آهن. سر مارئيءَ جي داستان ڇهين ۾ فرمائي ٿو:

هت ڏسان ڏوٽيئڑن جون، ويڻي واڻڑيون،
هت پون پنو هارن تي، مڻيون مائڑيون،
ياد اتي جون مون پيون، ڇوهون ڇاڻڑيون،
توڑي چار ڪنڌان لوئيءَ جون، هت ڦاڪين ڦاڻڑيون،
تان پي وڃان اوڏهين، جتي ڪنويٽون ڪاڻڑيون،
مونکي لوهين لاڻڑيون، تن لالن سنديون سومرا.

مٿين بيت ۾ واڻ مان واڻڑيون، ماڻ مان مائڑيون ڇاڻ مان ڇاڻڑيون، ڦاڻ مان ڦاڻڑيون، ڪاڻ مان ڪاڻڑيون ۽ لاڻ مان لاڻڑيون جا لفظ اسم تصغير طور ڪم آندا ويا آهن. ان کان علاوه هتي هر سٽ ۾ تجنيس حرفي جو هنر پڻ آيو آهي. جئن مڻيون مائڑيون، ويڻي واڻڑيون، ڪنوٽيون ڪاڻڑيون وغيره وغيره.

ٻي طرف سچل سائين رحہ مارئيءَ جي ملڪ تي هوا جي زور تي

وسندڙ سنهي بوند واري منظر کي چوهون چاتڙيون، سڏي سچ تہ ست ۾ ساهہ وجهي ڇڏيو آهي. وري لوئيءَ جو چئني ڪنڊن کان چيهون چيهون ٽي وڃڻ کي ڦاڪين ڦاڙيون جي لفظن ۾ پيش ڪرڻ کيڏو نہ خوبصورت ٿو لڳي.

ساڳي داستان جي هڪ ٻي بيت ۾ سچل سرمست رحہ رقمطراز آهي.

وروٽا ويڙهيچن جا، آهي موتئين مالهڙيون،
رس نہ اچن روح کي، ٽالهہ ۽ ٽالهڙيون،
سنگهارن جون سومرا، چگيون چالڙيون،
ورسي لويون لاک جون، ٻن شالون شالڙيون،
انئي پهر آهن اکيون، منهنجون عمر آلڙيون،
کامل تنهنجي کوٽ ۾، وجهان فلکين فالڙيون،
شال سٽندو سو ڏٽي، مون نڌر نالڙيون،
وڃي ڳجهيون ڳالهڙيون، ڪنديس سرتين سان ساڻيہ ۾.

مٿين بيت ۾ مالهڙيون، ٽالهڙيون، چالڙيون ، آلڙيون، فالڙيون، نالڙيون ۽ ڳالهڙيون اسر تصغير جا عمدا مثال آهن. انهن مان هر هڪ لفظ پنهنجي جاءِ تي مندءِ تي تہ جيان جڙيل محسوس ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح پهرين ست ۾ ويڙهيچن جي وارن يا چوٽين جي موتين جي مالها سان تشبيه ڪهڙي نہ خوبصورت پئي لڳي. وري مالها جو اسر تصغير جوڙي مالهڙيون، ڪر آڻي سچل سائين مصرع جي سونهن کي ويتر وڌائي ڇڏيو آهي. هن بيت ۾ پڻ اڪثر ستن ۾ تجنيس حرفي جو استعمال ڪيو ويو آهي.
هڪ ٻيو بيت ملاحظ ٿئي:

اڄ جوڙي وينا جهنگ ۾، جهانگي جهوپڙيون،
ڏي نہ ڏوٽيئڙن کي، لائق لوپڙيون،
راجا روپڙيون، گهرين رکن کين کي.

هن بيت ۾ جهوپي مان جهوپڙيون، لوپ مان لوپڙيون ۽ روپي مان روپڙيون اسم تصغير آهن. ان کان علاوه تجنيس حرفي طور جهنگ جهانگي ۽ جهوپڙيون جو استعمال نہ فقط وقتائتو آهي بلڪ ڪنهي جي تعلق ۾ توازن جو جواب ناهي! هتي ڏوٽيئڙن جي معاشي حالتن جي بہ نشاندهي ڪيل آهي. جنهن جو اظهار بيت جي آخري سٽ مان ٿئي ٿو. مارئي عمر کي ٻڌائي ٿي تہ منهنجا مارو گهر ۾ روپيا گڏ ڪري ڪو نہ رکندا آهن. يعني سندن گذر سفر آٽين ۽ چاڑهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا تي آهي. سچل سائين ساڳئي سُر ۾ فرمائي ٿو:

مون ڪئون وسرن ڪين کي، اُهي عمر ويلڙيون،
چاريم وڏي چاهہ مئون، ٿي چيلا چيلڙيون،
ٿي کيڏيم کيلڙيون، سرتين سان ساٿيہ ۾.

مٿين سٽن ۾ ويلڙيون، چيلڙيون ۽ کيلڙيون جا لفظ اسم تصغير طور استعمال ڪيا ويا آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي جاءِ نهايت مناسب ۽ موزون لڳن ٿا.

مطلب تہ سچل سائين جو ڪلام فڪري بلنديءَ سان گڏو گڏ فني لوازمات سان بہ سهڻي نمونو سينگاريل آهي. هتي مٺ مان خرار پرکڻ جي مصداق فقط هڪڙي سر مان چند مثال پيش ڪيا ويا آهن.

جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو.

* سچل سرمست جو سنڌي ڪلام: عثمان علي انصاري
* سچل سائين: ڪريم بخش خالد
* جامع سنڌي لغات: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
* سچل لغات: ڊاڪٽر عبد الڪريم سنديلو
* سنڌي هوليءَ جو صرف نحو: واحد بخش شيخ
* شاهہ جو رسالو: غلام محمد شاهواڻي

درد هنديءَ جو ديس

هر شاعر کي دنيا جي اندر اهم مقام مليو آهي. کي شعر فکر جي نرمي کٽي عقيق سمنڊ مان محبت جا موتي کٽي عوام ناس جي رهنمائي کن ٿا ۽ مختصر اشعار جي اندر زندگي جي هر واٽ تي هر لمحہ تي، عقل جا موتي ڏين ٿا. اها اسانجي ساڃاهہ آهي تہ انهن جي فکر کي کيترو سمجهون ٿا. ۽ انهن سان زندگي جي راهہ تي کيترو عمل کيون ٿا. بيت معمولي نہ آهن. بيتن جون معانائون آهن. کو انهن کي بيت سمجهي يا آيات سمجهي. اهو عقل منهنجو آهي شاعر جي پيغام ۾ کا بہ غلطي نہ آهي.

سچل سرمست بہ عشق جو شاعر آهي. عشق سچل جي منزل آهي. عشق جي منزل کي ماڻڻ جي لاءِ سر تري تي رکڻو آهي سپ ويچا وساريٹا آهن. فقط انسان ذات جي رهنمائي جي لاءِ رهبري کرڻي آهي. اهو فرق نہ آهي کرڻو تہ انسان کير آهي. هن جو رنگ يا نسل ڇا آهي. هندو مسلم هک آهي. جي تنهنجي ذهن ۾ اهو خيال اچي تہ اڳتي قدم کڻڻو آهي. مگر سچل جي عشق ۾ عوام الناس جي خوشحالي بہ اچي ٿي عوام الناس جي رهبري بہ آهي. اهو عوام الناس جي خوشي کي پنهنجي خوشي سمجهي ٿو. ۽ ديس جي زبان ۾ ديس واسين سان ڳالهائي ٿو. ۽ انهن جي اکڻ تي بيهي انهن جي رهبري کري ٿو. انهن کي خوشي جي ماحول ۾ ڏسي پاڻ بہ خوش ٿئي ٿو. سچل پنهنجي سر سارنگ جي اندر اهڙن خيالن جو اظهار کيو آهي. جيکو ديس جي خوشحالي کي پنهنجي اندر جي خوشي سمجهي ٿو.

سچل ابر جي پالوٽ واري هر منظر کي کٽي ٿو. بادل جي آمد کا خاموشي ساکاڻ ٿيندي آهي. خاموش ماحول جي اندر هک طرح طوفان ايندو آهي ۽ پوءِ کارونيار ٿيندو آهي. وسڻ جا ويس ظاهر ٿيندا آهن. دليون

خوشي جي اندر جھومڻ لڳنديون آھن. سچل فرمايو تہ:

اول آنـدي آئـي پـويـان جھڑ جھـجھـو
بجلي بادل سان آھي. جنءَ سپيرين.

آنـدي جو اچڻ، جھڑ جي آمد، بجلي بادل سان گڏ اچي. اھو منظر سپيرين جي اچڻ جو آھي. جن جي آئي اگڻ اجرو ٿئي ٿو ۽ دل ٺڏي ٿئي ٿي. سچل فرمايو تہ وسڪارو ٿئي ٿو اميد اچي ٿي.

پـٽاريـون پـٽـن تـان وٽـاٽين وريـون،
تـرايـون تجل جون ٿـيـون تـارون تـار.

پٽارين جي آمد، وٽاڻ تي اچڻ، ڪڏا ڪوھا پاڻي ۾ اچي ويڻ، دل جي خوشحالي جو منظر آھي ۽ ڏکر جي ختم ٿيڻ جو آغاز آھي مکڻ ماکيون ۽ ماني عام جام ٿيندي غريب ۽ امير کي ھڪ جيترو ملندو. الله جي آسري غريب جي جھڳي ۾ آسودگيءَ جو سج اپريو آھي. بارش تيز ٿي مينھن ونو منھن تان، وٽن تان مير لٿو ڏوپي، سوپي حسن جو جلوو ڏنو دل کي آتت ٿي. دل بھار ٿي. سچل سائين فرمايو تہ:

پٽـن تي پڌرا ٿـيا، گـل ڦل پـاتـون پـات،
پـکـن پـرڙا سـوئـيـا، پـرھـ ڦـٽـي پـريـات.

گل ڦل ھر طرف نظر اچن ٿا. سبزي ۽ ھريالي آھي. پکن ۾ پرڙا سوئيا آھن. ھو ھر طرف روانا ٿي ويندا. پنھنجي چوڳي جو چگي طرح خيال ڪندا. شام جو موٽي ماڳ تي ايندا.

وڳر ڪيون ايندا ۽ ويندا۽ پرت پاڻ ۾ ڪڏھن نہ ٽوڙيندا.

سچل جي نظر ۾ ايجان ھريالي ۽ خوشحالي جو منظر ھن طرح آھي. سچل فرمايو تہ :

چا ڏين ڏنئون چاھـ سان، ڪيرن جون ڪريون،
ديسان ديس وسي پيا رحمت جا درياھـ،
رنن جو رٽن ۾ والي وسيلو ٿئي،

سارنگ سعي ۾ اٿي، سچل سستي چڏ.

سارنگ جي آمد سچل کي سستي چڏڻ جو پيغام ٿي ڏئي تہ اٿي ان جو آڌار پاڻ ڪر. تہ جيئن وڏڦڙو وسي ۽ جل جام ٿئي. ڏکار ڏيهہ مان ختم ٿين ۽ موذي مري وڃن. سچل فرمايو تہ:

سر سريلا سوز سارنگ ٿو سوري،

يا

صبح ويل سويل جو سارنگ لائي سوڙهہ،

يا

عالم کي آگاهہ ، سارنگ ڪندو آيو.

سچل جي مطابق تہ جڏهن سارنگ سار لڌي وسڪارو ٿيو. عام جام پاڻي جي پالوٽ ٿي تہ پوءِ سچل ان منظر کي هن طرح بيان ڪيو.

گلزاريون ۽ گاهہ پٽن تي پڌار ٿيا

سچل جي مطابق مالوندر تي تکليف بہ آهي.

مٿان وسڻ هيڻيان چڪڻ،

سيءَ ميون ساري رات،

نہ ڪو اولهہ آسرو، نڪو اوٽ اجهو،

يا

هڪ وسڻ ٻيو وڃڻ ٿيون لهي ٻيو سيءَ

مگر پنهوار پوءِ بہ خوش آهن. سچل فرمايو تہ:

هاري هليا هاڻ، ڪڙمين هر ڪلهي ڪيا،

وسايائين وڏو ڦڙو واٽن تي واهہ واهہ.

ديس جي خوشحالي امن ۽ محبت جو پيغام آهي. سچل جي دعا آهي تہ

والي وسائج درد مندي جو ديس.

تقابلي جائزو

سيد خضر نوشاهي

آشكار جيڪ ڪلام تي احمد جام جيڪ فكر ۽ ڪلام جا اثرات

حضرت سچل سرمست جو ڳاڻيٽو انهن مٿاهن صوفين ۾ ٿئي ٿو جن نه ڇڙو عرفان ۽ سلوڪ جي منزلن کي پارڪندي حقيقت واري مقصد کي حاصل ڪيو پر انهن لکل رمزن، عرفاني اسرارن ۽ نوراني تجلين کي شعرن جي روپ ۾ انسانن تائين پهچائڻ جو خوش گوار فرض به انجام ڏنو. جيتوڻيڪ صوفي سڳورن جو هيءُ تعليم وارو طريقو اسلام جي شروعاتي عهد کان هلندو ٿي آيو، جو هو پنهنجي ڪلام جي من موهيندڙ انداز ۾ دل لڀائيندڙ نموني سان پرچار ڪندا رهيا. پر حضرت سچل سرمست جي سڃاڻ جو خاص سبب اهو آهي جو پاڻ پنهنجي فكر ۽ سكيا جي لاءِ كا به هڪ ٻولي مخصوص نه ڪئي اٿائين. گهڻين زبانن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنائڻ جي باعث حضرت سچل سرمست جي مخاطبن ۾ پڙهندڙن جو دائرو ڪشادو ٻڌجي پيو آهي. جڏهن جو ٻين صوفي بزرگن صرف پنهنجي تر جي ٻولي يا پنهنجي دور جي علمي يا سرڪاري زبان کي ئي اختيار ڪيو. ٻئي طرف اسين ڏسون ٿا ته سچل سائين جو ڪلام فارسي، سنڌي، سرائڪي/پنجابي ۽ اردو ۾ به ملي ٿو. انهيءَ ڪري اسان پنهنجي گفتگو سندس فارسي شاعريءَ تائين محدود رکندي اظهار خيال ڪندا سون.

حضرت سچل سرمست جي سچي ۽ اڇي ڪلام ۾ حقيقت ۽ معرفت جو هڪ اهڙو درياهه موجزن آهي، جنهن جو بنياد، قرآن حڪيم، نبي سائينءَ جون حديثون ۽ دين جي بزرگن جا اقوال ۽ افڪار آهن. جڏهن ڪا به ڳالهه ڪنهن مڃيل ۽ مستند حوالي سان ڪئي ويندي آهي ته اها ايڏا به

وڌيڪ پکي ۽ مڃڻ جهڙي ٻڌجي پوندي آهي. سچل سائينءَ جي ڪلام جي اها به خصوصيت آهي جو پاڻ پنهنجي هر ڳالهه دليل ۽ ثبوت ساڻ چوي ٿو. قرآن شريف ۽ نبي سڳوري جي حديثن سان گڏ و گڏ سچل جي ڪلام ۾ جن جليل القدر ديني بزرگن جي افڪار، خيالات ۽ اثرات جا حوالا ملن ٿا انهن ۾ منصور حلاج، شمس تبريزي، عطار نيشاپوري ۽ حضرت احمد جام جا نالا خاص طور سان ذڪر جي لائق آهن. هي طريقت ۽ تصوف جا اُهي بزرگ آهن جن جا افڪار ۽ نظريات ساري دنيا تي گهري ڇاپ رکندڙ آهن.

اسان گذريل سال سچل سرمست جي فارسي ڪلام "ديوان آشڪار" جو "ديوان عطار" سان تقابلي مطالعو پيش ڪيو هو. جنهن کي الحمدلله پنهنجي موضوع جي اعتبار کان ايترو پسند ڪيو ويو جو گذريل سال پڙهيل سڀني مقالن ۾ ان کي بهترين مقالو قرار ڏنو ويو. مان ته اهوئي چوندس ته يقين اها سعادت به انهن بزرگن جي فيض جو ئي نتيجو آهي جن جي ڪلام جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو هيو.

هن دفعي اسان وري حضرت سچل سرمست جي ڪلام تي حضرت احمد جام جي افڪار ۽ خيالات جي اثرات جو جائزو پيش خدمت ڪري رهيا آهيون. هن جائزي جي مطالعي مان پنجابي زبان جي هيءَ چوٽي سچي ثابت ٿئي ٿي ته "سو سيانان اکو مت" يعني جيترا به داشمند هوندا آهن انهن جي راءِ هڪ ئي هوندي آهي. اهڙي طرح هن ٻنهي صوفي بزرگن جي ڪلام ۾ به گهڻيون ڳالهيون مشترڪ ملن ٿيون. سو انهيءَ کان اڳ جو اسان "آشڪار جي ڪلام تي حضرت احمد جام جي فڪر ۽ ڪلام جا اثرات." تي گفتگو ڪريون، مناسب ٿيندو ته پهريائين انهن ٻنهي بزرگن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ته جيئن سندن ڪلام ۾ جيڪا فڪري وحدت ۽ اشتراڪ موجود آهي ۽ وحدت الوجود جو ذوقي نظريو ملي ٿو سا شي انهن وٽ صرف نظرياتي ۽ تصوارتي نه آهي بلڪه هو پاڻ راز وحدت جا خود لذت آشنا هئا !

حضرت سچل سرمست رحـ

سندس نالو عبدالوهاب بن صلاح الدين بن صاحبڏنو فاروقي هيو. سنڌ جي ڳولڙي درازا ۾ سن ۱۱۵۲هـ ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس والد گذاري ويو. جنهن سبب خواجہ محمد حافظ عرف صاحبڏني سندس پرورش ڪئي. وڏو ٿي پاڻ پنهنجي چاچي خواجہ عبدالحق جي دست حق پرست تي بيعت ڪري، عرفان و سلوڪ جون منزلون طئي ڪيائين. پنهنجي صداقت ۽ سچائي سبب "سچل" يا "سچو" جي لقب سان مشهور ٿيو ۽ انهيءَ لقب کي پنهنجو تخلص ڪري استعمال ڪيائين. مگر فارسي شاعريءَ ۾ "آشڪار" تخلص ڪندو هو. ڪٿي ڪٿي فارسيءَ ۾ "خدائي" تخلص به اختيار ڪيو آٿائين.

حضرت سچل سرمست جو وصال ۱۴ ماهہ رمضان المبارڪ سن ۱۲۴۲هـ تي ٿيو. درازا شريف ۾ ئي سندس مزار خلق جي زيارت گاهہ آهي. فقير قادر بخش بيدل سندس وفات جي تاريخ جو مادو "درياءِ زخار راز" (۱۲۴۲ هـ) ۾ موزون ڪيو آهي.

حضرت احمد جام رحـ

نالو احمد، ڪنيت: ابي نصر ۽ لقب: زنده پيل، شيخ الاسلام۽ شيخ جام هيس.

لغت نامہ ۾ دهخدا ۾ لکيل آهي تہ سندس شجرہ، نسب درمياني ۳۵ واسطن ذريعي حضرت اسماعيل ذبيح الله عليہ السلام سان وڃي ملي ٿو. لغت نامہ دهخدا ۾ سندس ذڪر هن طرح لکيل آهي:

"احمد بن الحسن ابن محمد ابن جرير ابن عبد الله ابن ليث ابن جرير ابن عبد الله البجلي الجامي الخراساني."

شيخ احمدجام خراسان جي هڪ شهر ترشيز ويجهو هڪ ڳولڙي "وامق" ۾ تولد ٿيو. ارڙهن سالن تائين جبلن ۽ جهنگن ۾ رهي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو. اتي ئي سندس ملاقات حضرت خضر عليہ السلام

سان ٿي ۽ سندس حڪم سان "جام" شهر ۾ اچي ماٿهن جي رشد ۽ هدايت ۾ مصروف ٿيو. پاڻ ڪيترائي ڪتاب به لکيائين حاجي خليفه چلپيءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "ڪشف الظنون" ۾ سندس هيٺين ڪتابن جا نالا تحرير ڪيا آهن:

۱. رساله سمرقنديه ۲. انس التائبين
۳. سراج السائرين ۳ جلد ۴. مفتاح النجاة
۵. روضته المذنبين (هيءَ ڪتاب مصنف ۵۲۶هـ ۾ سلطان سنجر سلجوقي جي نانءِ منسوب ڪيو ويو آهي.)
۶. بحار الحقيقت ۷. كنوز الحكمت
۸. فتوح الروح ۹. ڪتاب الاعتقادات
۱۰. ڪتاب الزهديات ۱۱. ڪتاب التذڪرة
۱۲. ديوان شعر

حضرت احمد جام زنده‌پيل جو اسر گرامي اهل علم و عرفان وٽ تعارف جو محتاج نه آهي. سندس ٻين علمي ۽ روحاني خدمتن جي قطع نظر سندس فارسي ديوان ئي سندس فڪر جي رفعت ۽ نظر جي وسعت جي شاهديءَ لاءِ ڪافي آهي. سندس هي شعر ته تقريبن سيني اهل علم کي ياد آهي. جنهن کي ٻڌندي ئي حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ تي وجد طاري ٿي ٿو ويو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ ئي سندن روح پرواز ڪري ويو هو.

ڪشتگان خنجر تسليم را هر زمان از غيب جانِ ديگر است.

حضرت احمد جام جا افڪار ۽ خيالات سندن ۾ تمام گهڻو اثر پذير ٿيا آهن. ان جو هڪ مثال دادو ۾ خدا آباد ويجهو ميان خدا يار خان ڪلهوڙي جي اٿا مزار آهي، جنهن ۾ موجود هڪ قبر تي احمد جام جو هي سڄو قطعو تحرير آهي، جنهن ۾ ٻارهن امامن سڳورن سان عقيدت جو اظهار وڏي عمدگيءَ سان ڪيو ويو آهي. اهو قطعو جيڪو راقم الحروف پاڻ اُتي لکيل ڏٺو هي آهي:

اي ز مهر حيدرم هر لحظه در دل صد صفاست،
از پي حيدر حسن مارا امام و رهنما ست،
همچو سگ افتاده ام برخاک درگاه حسن،
خاک نعلين حسين اندر دوچشم توتيا ست،
عابدين تاج سر و باقر دوچشم روشن است،
دين جعفر برحق است ومذهب موسيٰ رواست،
اي موالي وصف سلطان خراسان را شنو،
ذره از خاک قبرش درد مندان را دوا ست،
پيشهواي مؤمنان است اي مسلمانان تقي،
گرنقي را دوست دارم در همه مذهب رواست،
عسکري نور دوچشم عالم و آدم بود،
همچو مهدي يک سپه سالار در ميدان کجا ست،
شاعران از بهرسيم و زر سخن گفته اند،
احمدِ جامي غلام خاص شاه اوليا ست،

احمد جام جو وصال ۵۲۶ هجري يا کشف النطنون جي ليکڪ مطابق ۵۳۶ هجريءَ ۾ ٿيو.

ٻنهين بزرگن جي انهيءَ مختصر تعارف کان پوءِ انهن بزرگن جي ڪلام جو تقابلي جائزو ونڻ کان ٿورو اڳ هيءَ ڳالهه ضروري ڳڻڻ گهرجي ته خود سچل سرمست، احمد جام سان ڪيتري قدر عقيدت رکندڙ هيو. تنهن جا چند مثال سچل جي ڪلام منجهان پيش ڪجن ٿا:

ديوان آشڪار ۾ درج آهي ته:

نعمت الله جام احمد جام ما ست
درميان سوز و گداز آرام ما ست

ساڳي غزل جي چوٿين شعر ۾ آشڪار وري به هيئن چوي ٿو:

من شدم عاشق بنام آشفتگان
ره رفيق خواجه احمد جام ما ست

حضرت سچل سرمست فڪري لحاظ سان احمد جام ڪان ڪيتري تائين متاثر هيو ان جون ڪيتريون ئي شاهديون اڳتي ڏنل تقابلي مطالعي دوران سامهون ايندیون. مگر هتي اسان هڪ لطيف ۽ نازڪ حقيقت جي طرف اشارو ڪندي بغير اڳتي نڻا وڌڻ گهرون. اها حقيقت هيءَ آهي تہ اسان ٻنهين بزرگن جي ڪالم جي تقابلي مطالعي بعد انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون تہ سچل سائين هيءَ جيڪو "آشڪار" تخلص اختيار ڪيو آهي، اُهو بہ احمد جام جي ڪلام مان ورتل اٿس! سچل جي ڪلام ۾ افڪار ڪان آگاهي رکندڙ اهل علم صاحبن جي خدمت ۾ هي چند شعر پيش ڪجن ٿا. جيڪڏهن هيءُ نہ ٻڌايو وڃي تہ اِهي شعر احمد جام جا آهن تہ اڻين ئي ٿو محسوس ٿئي تہ هيءَ سچل سائين جو ڪلام آهي. احمد جام جا هي چند شعر ملاحظو ٿين:

مـــن خدا را آشـــڪـــارا ديـــده ام
در هـمـه اشـيـاء هـويـدا ديـده ام

--

صورت حق را بچشم آ شڪار،
بـرجمـالـت اي نـگـارا ديـده ام،

--

اگـــر خود را نمـــايـر آشـــڪـــارا
يـقـين بـيـنـي جمـال ڪِبـريـا را،

--

شـعـــر از نـطـق آيـد از ز بـانـر
بـگـفـت انـي انـاالله آشـڪـارا

--

عـشـق آمـد مـظـهـر حـق آشـڪـار
نـيـسـت غيبي جز جمـالِ ڪردگـار

صورتش معني ومعني صورت ست
و اين همه صورت بمعني آشكار

آشكار ۽ احمد جام ۾ متشرڪ اقدار

ا. منصور حلاج وارو نعرہ اناالحق.

ٻئي بزرگ منصور حلاج جي فڪر سان لاڳاپيل آهن ۽ سندس نعرہ ناالحق جا پاسدار ۽ شارح آهن. ڏسو احمد جام جو شعر آهي:

يا چہ منصوري طريقت در هواي عشق او،
بيدل و بيجان شود قولي اناالحق زند

آشكار سندس تائيد هن طرح ڪري ٿو:

مي زنم نعره اناالحق آشكار،
اندرين آخر زمان منصور وار

"اناالحق" منصور حلاج چيو هو ۽ جيتوڻيڪ شريعت جو سزاور ٻڌيو و پر پوءِ بہ حق جو هوڪو هندڙن انهيءَ حقيقت کي زندهہ رکيو ۽ هيءَ سلسلو تواتر ۽ تسلسل سان اڳتي وڌندو رهيو. انهيءَ نعرهء مستانہ جي حمد جام وڏي واکي تاکيد ڪئي آهي. پاڻ فرمائي ٿو:

دلہ با من همي گويد انا الحق زن اناالحق زن،
زمن اين نكته مي جويد اناالحق زن اناالحق زن.
بدل گفتم چہ جنباني چرا اين نكته مي خواني،
دلہ گفته نمي داني اناالحق زن اناالحق زن.
گرت دلدارمي بايد جمال يار مي بايد،
سرت بر دار مي آيد اناالحق زن اناالحق زن.
اگر از خويشتن دوري زجام عشق مخموري.
بوحدت گر تو منصوري انا الحق زن انا الحق زن،
انا الحق راكسي داند كہ رمزي عاشقان خواند،
رخ از كونين گرداند انا الحق زن انا الحق زن،

سندس ان طويل غزل جو مقطع هن طرح آهي:

ز احمد نکتہ بشنو ز عقل خویش مجنون شو،
طنابِ دار را بردار انا الحق زن اناالحق زن

ائين تہ "آشکار" جو سارو کلام انا الحق جي تعبير ۽ تشريح سان پريو پيو آهي ۽ جابجاءِ انا الحق جو نعرو سندس کلام ۾ مختلف انداز سان لڳايل آهي. مگر احمد جام جي پيش کيل شعرن سان هڪ جهڙائي رکندڙ "آشکار" جا هي شعر ملاحظہ فرمايو:

کز خويش برستي و بزن نعره انا الحق،
زنار گستي و بزن نعره انا الحق،
از خاک و از آب و از باد و از آتش،
از جمله گذشتي و بزن نعره اناالحق،

انهي غزل جو مقطع هن ريت آهي:

آشکار و نهان يار بود در دل جان تو،
او هست تو پستي و بزن نعره اناالحق.

هڪ ٻئي جڳهہ تي آشکار فرمائي ٿو:

ز من اسرار عيان شد اناالحق مي زنم برحق،
خيالم بين کہ سلطان شد اناالحق مي زنم برحق.

۳. لاموجود الاهو - فاينما تولوفثم وجه الله،

انسانجي آشکار جي کلام ۾ "لاموجود الاهو" جي تعليم جابجا ملي ٿي. سچل سائين انهيءَ حقيقت کي تواتر ۽ تسلسل سان پنهنجي کلام ۾ آلاپيو آهي ۽ چيو آهي تہ مون کي يار جي جلوي بغير کا شي نظر ئي نٿي اچي. بازار هجي يا گهٽي، هر طرف ۽ هر شي ۾ مون کي حقيقي يار جو ديدار نظر اچي ٿو. شاهديءَ طور آشکار جي کلام مان هي شعر نموني خاطر پيش کجن ٿا:

من بجز يار بهر سو نه دگر مي بينم،
چه ببازار چه هر كو چه شهر مي بينم،
چه طيور و چه حوش چه جن و ديو ولي،
همه اسرار الاهي به بشر مي بينم،
دوست فرمود تولو فثم وجه الله،
كل شيءٍ هَرَ هُو را به نظر مي بينم

بلكل انهيءَ نظرئي ۽ حقيقت ثابت ته كي حضرت احمد جام جي هنن شعرن ۾ ملاخط ڪري سگهجي ٿو:

اي ذات لطيف وجود كامل ذات تو بهر وجود شامل

موجود بهر وجود او شد با جمله صفات او مكمل

و الله كه اوست در دو عالم آن حضرت بي نياز فاعل

٣. پيام دوست:

هنهي بزرگن، دوست جي طرفان سلام و پيام ملڻ تي هڪ ئي طرح جو رد عمل ظاهر ڪيو آهي. ڇڻ ته فقر جي راهه ۾ هڪ طرح جي ڪيفيت جا اثرات به يڪسان آهن:

احمد جام: از دوست پيام آمد تا باد چنين بادا
كار م بنظام آمد تا باد چنين بادا
يک چند غمي هجرش ماليد دل و جانم
امروز سلام آمد تا باد چنين بادا

آشكار: از دوست سوي من برسيدند نا مها،
در وي نوشته بود هزاران سلامها،
چشمان اشكبار شده آن زمان بسي
دل در گداز شد ز شنيدن پيامها.

۴. شراب عشق:

ساقيءَ ازل کان شرابِ عشق واري توحيد جي وٽي پي ڪري سرمست ۽ بيخود ٻڌجي دار جي تختي تي پهچڻ کي سچا عاشق مقصد واري منزل سمجهندا آهن. انهيءَ جو اظهار حضرت احمد جام اجهو هن ريت ڪري ٿو:

درصحبت پيران - خرابات خرابم ساقي بده از ميکده عشق شرابم
از جرعئه توحيد شوم بيخود و سرمست مستانه در آيم بسري دار طنابم
رندان خرابات بمقصود رسيدند از مقصد و مقصود چسان روي تبابم

آشکار ته ساقيءَ کان شراب طلب ڪيو آهي تہ جيئن مست وبيخود ٿي بحر عشق ۾ غوطا لڳائي ۽ مٿيءَ مٽ مان مقصود جو گوهر ڳولهي ونئي:

ساقيا ده مرا شراب شراب تا از او محو گشت جرم و ثواب
کرد مستي و بيخودي غلبم هيچ در دل نماند مسئلم کتاب
در بحر عشق غوطم مي خوردم گوهري يافتم ز مشت تراب

۸. ڪثرت ۾ وحدت جو مطالعو

ٻنهين بزرگن ڪثرت ۾ وحدت جو جلوو پسيو آهي ۽ انهيءَ جو پرپور اظهار ٻنهين جي ڪلام ۾ جابجا ملي ٿو. نموني خاطر چند شعر پيش خدمت آهن:

احمد جام: يک جرعم و صد هزار ساغر يک قطره و صد هزار کوثر،
يک معني وبي شمار صورت يک معدن وصد هزار گوهر،
در ڪثرت ماست وحدت او خورشيد يکي هزار اختر

يا وري هيءَ شعر ڏسو:

احمد جام: اندرين ڪثرت هم وحدت نگر،
تاشود آسان بتو هر مشڪلات

آشکار: وحدت و ڪثرت يکي دانند سردارانِ عشق
قايم اندر وحدت است. سيار اندر ڪثرت اند

٦. قرآن و حديث مان استدلال

صوفياڻي عقيدن ۾ نظرين کي قرآن جي آيتن ۽ حديثن مان ثابت ڪرڻ لاءِ شعرن ۾ ملندڙ جهلندڙ آيتن ۽ حديثن مان اشاري طور مختصر حوالا ۽ بنهين بزرگن هڪ طريقي سان ڏنا آهن. جيئن جو حضرت احمد جام کي زماني جي لحاظ کان اڳي هجڻ جو شرف حاصل آهي، انهيءَ کري اِهو ۽ مڇو پوي ٿو ته حضرت آشڪار حضرت احمد جام جي ڪلام مان ئي هي رنگ ورتو آهي. بنهي بزرگن جي ڪلام ۾ ملندڙ هيءَ هڪجهڙائي ملاحظ فرمايو:

احمد جام: نڪتئه "هومعكم" را خونده ايم
"لي مع الله" آشكارا ديده ايم.
آشكار: "لي مع الله" ازاشارت عشق
آمد از عشق سر سبحاني
احمد جام: "نحن اقرب" را بخوان از بحر
گر كني توگوش داني ماجرا.
آشكار: "نحن اقرب" گفت" من حبل الوريد"
آشكارا هست حالا چون كنم.

٧. هم خيال ۽ هم وزن ڪلام:

حضرت آشڪار جي ڪلام ۾ ڪجهه غزل اهڙا ۽ ملن ٿا جن ۾ احمد جام جي ڪلام جو ايتري حد تائين تتبع ڪيو ويو آهي جو اسان کي ساڳيو خيال، ساڳيو وزن، ساڳيو قافيو ۽ ساڳيو رديف ۽ نظر اچي ٿو. مثال طور:

احمد جام: گاه هر مشكل دگر پيداشوم
گه شوم ظاهر بشكل مصطفا.
آشكار: گاه بي صورت گهي با صورت است

گاه مي آيد بـ مظهر مصطفا.

احمد جام: تا ز شهر خود پريشان و جدا افتاده ايم،
روز و شب در محنت رنج و بلا افتاده ايم،

آشڪار: قطره مي گويد ڪ از دريا افتاده اي ،
خويش را روي بسو آوارگي در داده ايم،

حضرت آشڪار جي هڪ مشهور مثنوي جنهن ۾ هي مصرع بار بار آيل آهي:.

"من خدايم من خدايم من خدا"

حضرت احمد جام جي ديوان ۾ بلڪل ساڳي ئي وزن تي هڪ غزل موجود آهي جنهن جي مطلع هيءَ آهي:

بـا خدايم و خدايم از شـمـا،
در حقيقت من خدايم من خدا.

ديوان آشڪار ۾ ساڳي مفهوم واري غزل جي هڪ مصرع ملاحظ فرمايو:

هر ڪجايم جا بجايم من خدايم من خدا،

انهن مثالن مان هيءَ حقيقت بلڪل نمايان ٿي بيهي ٿي ته سچل سائين فڪري ۽ علمي اعتبار ڪان حضرت احمد جام جي ڪلام مان ڀرپور استفادو ڪيو آهي. انهيءَ فڪري ربط ۽ علمي استفادي جو مثال، ٻنهين بزرگن جي هڪ هڪ غزل مان نموني طور پيش خدمت ڪجي ٿو:

غـــزل احمد جام

گاه بر دارت کنم هر چون حسین، گاه اندر نار بریانت کنم
گاه ترسا سازمت گاه یهود، گاه مومن گه مسلمانت کنم،
گه گدازم گه نوازم من ترا، گاه دیو وگه سلیمانت کنم
گاه بسوزم که بسازم دمبدم گاه آبادان و ویرانت کنم،
گاه چون "احمد" کنم سرمست خود باکمال علم نادانت کنم.

غـــزل آشکار

گاه آدم گاه شیطان مي شوم گاه موسي گاه عمران مي شوم
گه جدا باشيم از مادر پدر گه چو اسماعيل قربان مي شوم
گه تحمل مي کنم گاهي غضب گاه دانا گاه نادان مي شوم
گاه زاهد گاه عابد گه منعم گاه کفر و گاه ايمان مي شوم
گاه باشد آشکارا بادشاه گاه بر دربار دربان مي شوم.

۸. استعارن ۽ ترکيبن جي هڪ جھڑائي

حضرت احمد جام پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي استعارا، ترڪيون ۽ الفاظ استعمال ڪيا آهن، تن کي ڏسندي انهيءَ حقيقت بيان ڪرڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونهي ته حضرت آشڪار جي ڪلام ۾ آهي سڀ جو سڀ موجود آهن. مثال خاطر اناالحق، دار، زنار، خرقه، شراب، شرع، اسلام، ڪفر، عشق، قطره، دريا، جزوڪل، روح، تن، عقل، هومعڪم، هجر، وصال، مهر، ميخانه، عالم فاني، نقاب، رخ ، قرار، نحن اقرب، پاس انفاس، فرقت، وغيره وغيره.

اِهو به ممڪن آهي ته اِهو خيال پيدا ٿئي ته اِهي لفظ ته بلڪل عام

آهن ۽ کو ب اهل علم و فن انهن کي استعمال ڪري سگهي ٿو. پر هتي مان مثال خاطر هڪ اهڙو استعارو پيش ڪريان ٿو جيڪو يقين حضرت آشڪار، حضرت احمد جام جي ڪلام مان ئي ورتو هوندو، اهو آهي "جيحون". جيحون روس کان تازو آزاد ٿيندڙ وچ ايشيا جي رياستن جي علائقي ۾ هڪ ندي آهي. حضرت احمد جام انهيءَ لفظ کي استعاري طور هيئن استعمال ڪيو آهي:

چہ عيب اهل صفا را ز طعنہ ٔ جاهل،
لعابِ سگ چہ مضر ست بحر جيحون را،

حضرت آشڪار ان کي پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت استعمال ڪيو آهي:

رود اشک چشم چون جيحون شده،
کفر و دين را شست حالا چون کنم

حضرت آشڪار جي ڪلام تي حضرت احمد جام جي افڪار و ڪلام جي اثرات جي جائزي بعد اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ سچل سائين قرآن و حديث سان گڏ و گڏ مشهور صوفين جي افڪار جو ب ۾رپور مطالعو ڪيل هو ۽ انهن عظيم هستين سان قلبي ۽ روحاني لڳاءُ ب قائم ڪيل هوس. انهيءَ ڪري اسان چئي سگهون ٿا بلاشڪ جيڪا ب ڳالهہ سچل سرمست چئي آهي، اها تسلسل ۽ تواتر جي لحاظ کان هڪ روشن حقيقت جو درجو رکي ٿي. چانچہ جيڪي ماڻهو تصوف جو انڪار انهيءَ خيال کان ڪن ٿا تہ هيءَ اسلام کان ڪو علحدو نظام آهي ۽ اسلام جي آڳاٽي دور ۾ ان جو ڪو وجود ڪو نہ هيو. انهن خيالن جي مالڪ ماڻهن لاءِ سچل سرمست جي ڪلام جو مطالعو بي حد ضروري آهي ! ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ حضرت سچل سرمست جي فارسي، اردو، سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن جي ڪلام جو ان نڪتئہ نظر سان جائزو ورتو وڃي تہ اُن ۾ قرآن حڪيم، احاديث مبارڪ سان گڏوگڏ ڪهڙن ڪهڙن مشهور صوفي بزرگن کان

استدلال کيو ويو آهي. جيئن عرفاني ۽ روحاني تعليمات کي علمي ۽ تحقيقي فکر جي روشنيءَ ۾ ب ڏنو وڃي ۽ خاص طور سان اڄ جي نوجوان نسل کي انهن تعليمات ۽ افکار کان روشناس کرايو وڃي. والسلام.

کتابيات

آشکار، سچل سرمست:

ديوان آشکار (با مقدمه فارسي مخدوم امير احمد) لاهور: سچل ادبي اڪيڊمي، ۱۹۵۷ع، و +۲۲۸ ص

ديوان آشکار (معه اردو ترجمه قاضي علي اکبر) کراچي: مهراڻ پبلشرز ۱۹۷۲ع، ۲ جلد

ديوان آشکار (قلمي نسخه بخط محمد نشان فاروقي)، لاهور، مخزونه پنجاب يونيورسٽي، مکتوبه ۱۲۴۲هـ،

احمد جام زنده پيل:

ديوان حضرت احمد جام زنده پيل، بتصحيح ملا عبدالله خطيب، لاهور، ۲۱۴ص

جامي، نورالدين، عبدالرحمان:

نفحات الانس، مطبوعه تهران.

حاجي خليفه چلپي:

کشف الظنون، مطبوعه بيروت

دهخدا، علي اکبر:

لغت نامه دهخدا، ايران، ۳۰ جلد

فضل حق، قاضي:

سخنوران ايران، لاهور، اداره ثقافت سلاميه، ۱۹۹۰ع، ۸۵۷ ص.

قادر بخش بيدل:

ديوان بيدل، مرتبه عبدالحسين موسوي، جامشورو: سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۹۱ع طبع سوم.

امام راشدي

سچل جو همعصر ۽ باڪمال شاعر
پير محمد راشد روضي ڏٽي رحـ

سچل سائين هڪ مڪمل دؤر جو شاعر آهي، جنهن کي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي عروج وارو دؤر چئي سگهجي ٿو. انهي دؤر ۾ شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست سنڌي شاعريءَ جا سرموڙ شاعر هيا. بيشڪ شاهه لطيف جو عڪس سچل سائين آهي ۽ سچل سرمست جو عڪس ۽ اولڙو، انهيءَ دؤر جي موجود ڪيترن ئي شاعرن تي پيو. جن ۾ سچل سائينءَ جا فقير، ٻالڪا، معتقد، مريد ۽ ڪيترا سنڌس دوست ٻ شامل هئا، اهڙن شاعرن سچل سرمست جي فڪر ۽ ڪلام جو اثر بخوبي قبول ڪيو. اهڙو ئي هڪ شاعر ۽ بزرگ حضرت پير محمد راشد روضي ڏٽي رحـ ٻ آهي، جيڪو سچل جي ئي دؤر جو سنڌس همعصر ۽ باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. توڙي جو سندن ڪلام ٿورڙو دستياب ٿيو آهي، تنهن هوندي ٻ متن سچل سائينءَ جي فڪر ۽ فلسفي جو پرتو، سندن ڪلام ۾ صاف صاف نظر اچي ٿو.

سچل سرمست (۱۷۳۹ع-۱۸۲۷ع) جو دؤر لڳ ڀڳ اناسي سالن جي طويل زماني تائين ڦهليل آهي. حضرت پير محمد راشد رحـ جي ولادت ٻ سچل جي زماني ۾ سن ۱۱۷۰ هجريءَ ۾ ٿي. ۽ سندن وفات ٻ سچل جي ئي دؤر ۾ ۱۲۳۴ هجريءَ ڌاري ٿي. سچل سائين ارڙهن ورهين جو ٿيو آهي تہ، پير سائين محمد راشد رحـ جن جو جنم ٿيو آهي. ۽ سچل سائين جي وفات کان اٺ نوَ ورهيہ اڳ، سندن انتقال ٿيو. پاڻ جڏهن اڪيون ڪوليائون تڏهن سچل جو چرچو عام هيو. ۽ سچل جي فڪر جو ذڪر ضرور ٻڌو هوندائون. ڇو تہ سچل سائين ۽ پير سائين محمد راشد رحـ ٻئي، نہ رڳو هڪڙي ئي دؤر جا شاعر آهن بلڪ، هڪ علائقي جا ٻ شاعر آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهي شاعرن کي هم عمر ڄاڻائي ٿو. هو لکي ٿو، "پير صاحب محمد

راشد روضي ڈٹي رحہ ۽ سچل سائين ٻئي هر عمر هئا." (سرمست ۱۲ - ص ۲۱)

مولائي شيدائي "تاريخ سکر" ۾ لکي ٿو ته، "هن برگزيده خاندان مان سيئي بزرگ پاڻ بہ وڏا عالم، اديب ۽ شاعر هوندا هئا ۽ عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا قدر دان بہ هوندا هئا. پير سائين محمد راشد روضي ڈٹي رحہ جيکو سچل سرمست جو همعصر هو، سنڌيءَ جو سٹو شاعر هو." (تاريخ سکر - ص ۴۸۹)

مورخ - سنڌ پير حُسام الدين راشدي لکي ٿو ته، "فارسي ۽ عربيءَ تي مڪمل ڪمال حاصل هئن. علم پرائڻ پٹيان خوب رليا، شڪارپور، کهڙن ۽ ڪوٹڙيءَ وغيره ۾ سالن جا سال رهي، علم حاصل ڪيائون. مطالعو تمام وسيع هئن. ڪتب بينيءَ جي اها حالت هئي جو ڪين هر وقت ڪتاب هٹ ۾ رهندو هو.

علم لغت ۾ خاص طرح ڪمال هئن. انهيءَ فن ۾ ڇڻن جلدن جو هڪ ذخيرہ ڪتاب بہ لکيائون. وٹن هڪ زبردست ڪتبخانو بہ موجود هو، جنهن جو مقابلو ان وقت ڪنهن جو بہ ڪتبخانو کو نہ ٿي ڪري سگهيو. سندن چوڻ هو ته، "جيکو ڪتاب خريد ڪندو ان گويا بهشت خريد ڪيو. "وٹن جيکي بہ ڪتاب ايندا هئا تہ واڌاري قيمت بہ ڈيئي وٹندا هئا." (ڳالهيون ڳوٹ وٹن جون - ۶۰۲)

پير صاحب پٹ ڇاڻايو آهي تہ فقير سچل سندن همعصر هو (سن 602).

پير سائين محمد راشد، سچل سائينءَ جو نہ رڳو اثر قبول ڪندڙ ۽ همعصر شاعر هو بلڪ ٻئي بزرگ ڪيترا پيرا ملاقاتيون بہ ڪري چڪا هئا. نہ صرف ايترو پر، سچل سائين ۽ پير سائين محمد راشد رحہ جن جي وڏڙن جو بہ پاڻ ۾ گهرو تعلق رهيو آهي ۽ خاندائي لحاظ کان ٻنهي بزرگن جو سلسلو بہ ساڳيو رهيو آهي. ٻنهي همعصر شاعرن جون ڪيتريون ئي خوبيون يڪسان نظر اچن ٹيون. سچل سائين پنهنجي چاچي حضرت ميان عبدالحق

رحہ کان روحاني فيض حاصل ڪيو تہ، پير سائين محمد راشد رحہ جن ڪي وري پنهنجي والد بزرگوار حضرت پير محمد بقا شاهہ رحہ جن کان روحاني فيض حاصل ٿيو.

هي ٻئي شاعر صاحبِ دل ۽ اهل علم بہ هئا . هنن هڪ ٻئي ڪي پرکيو ۽ پروڙيو هوندو. انهيءَ زماني جون هي ٻئي غير معمولي شخصيتون هيون. پنهي بزرگن جي وچ ۾ ڪجهہ غلط پروپئگنڈا بہ ڪئي وئي هئي، پر جڏهن پنهي شاعرن جي ڪلام جو گهرائي سان مطالعو ڪجي ٿو تڏهن حقيقي ۽ واضح صورتحال سامهون اچي ٿي. پنهي شاعرن جي فڪر ۽ فلسفي جو مقصد يا مفهوم ساڳيو آهي، فقط لفظن جي جڙوات پنهي وٽ جدا جدا آهي، البت پهني جي منزل هڪ آهي.

انهيءَ زماني ۾ سچل سائين جو فڪر ۽ فلسفو سنڌ جون حدون ٽپي ڏکڻ هندستان تائين ڦهلجي ويو هو. ۽ خود پير سائين محمد راشد جو فڪر ۽ پيغام جو ڦهلاءُ بہ ساڳئي طرف ٿيو.

ڏنو وجي تہ سچل سائين تدريسي خدمتن جي پيٽ ۾ تبليغي ۽ روحاني خدمتن کي وڌيڪ ڪارائتو سمجهيو ۽ ان لاءِ هن پنهنجي راهہ متعين ڪئي، جيڪا سندسن ڪلام تي مشتمل آهي. سچل جي انهيءَ راهہ کي سندس دؤر جي ڪيترن بزرگن، فقيرن ۽ ٻين شاعرن اپنايو ۽ ان کي وسعت ڏني. پير سائين محمد راشد بہ انهيءَ عمل جو پيرو ڪار ٻٽيو. حقيقت ۾ اهو ئي هڪ مضبوط ذريعو آهي، پنهنجي فڪر ۽ پيغام کي وسيع ڪرڻ جو !

پير سائين محمد راشد روضي ڏٽيءَ رحہ پنهنجي مرشد، استاد ۽ والد محترم پير سيد محمد بقا شاهہ جن جي شهادت (١١٩٨هـ) کان پوءِ اناويهہ سالن جي عمر ۾ مسند نشين ٿيا. سندن بنيادي تعليم جو نقطو ئي تصوف تي مبني آهي.

پير محمد راشدرحہ ڪلهوڙن جي آخري دؤر حڪومت ۾ اکيون کوليون. ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت جا چويهہ سال سندن آڏو رهيا. ۽ اهو ئي دؤر سندن تعليم ۽ تربيت وارو رهيو. سياسي لحاظ کان هي دؤر افراتفريءَ

وارو ڏسجي ٿو. جيڪو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪانوئي، ڪلهوڙا خاندان جي آخري حڪمران ميان عبدالنبي خان تي مشتمل آهي، ڪلهوڙن جا آخري حڪمران نااضل ثابت ٿيا ۽ انهيءَ نا اهلي ۽ اقتدار جي ويڙهاند وچي هنڌ ڪيو ۽ سندن حڪومت جو اختتام ٿيو. اهڙي طرح تالپر اميرن جي حڪمراني قائم ٿي. جڏهن ۱۷۸۳ع ۾ تالپرن، ڪلهوڙن کان حڪومت جون واڳون کسيون، تڏهن هن تالپر حڪمرانن مير سهراب خان ۽ مير رستم خان جو دؤر، پير سائين محمد راشد جن ڏنو. تالپرن جي حڪومتي جي ابتدا ۾ ئي پاڻ پنهنجي خاندان جي گاديءَ جا ڏٽي ٻڌيا. سنڌ جو راشدي خاندان، سندن نسبت سان مشهور و معروف آهي.

سچل سائين جي فڪر ۽ فلسفي جو چرچو ان دؤر ۾ عام هيو. پر سندس فڪر کي غلط رنگ ڏنو پئي ويو. مٿس شرعي حدن جي لتاڙ جهڙا بهتان مڙهيا ويا، ان هوندي بہ سندس حلقو وسيع ٿيندو رهيو، جيڪو سندسن فڪر ۽ پيغام کي صحيح نموني سمجهي سگهيو. ۽ ان کي عام ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيو. سچل سائين، فتوائون ۽ ڪوڙا بهتان مڙهڻ وارن کي پنهنجي ڪلام ذريعي ڪليل لفظن ۾ جواب بہ ڏيندو رهيو.

"آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون مونکي ڪير پانيو ٿيون ! "

ڪلام جو جائزو:

سچل سرمست جيان، پير سائين محمد راشد جو ڪلام پڻ وحدت الوجود، حقيقت ۽ خودشناسيءَ جهڙن اهم پهلوئن تي بيٺل نظر اچي ٿو. پاڻ شاعريءَ ۾ پنهنجو نالو تخلص طور استعمال ڪندا هئا. سندن ڪلام مولود، بيت ۽ ڪافيءَ ۾ ملي ٿو. هيٺ ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ هڪ جهڙائيءَ ۽ اثر جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

چـــري چري مَ ڇڏـــو، چريـــو آهـــي لـــوڪ،
جو چرئي لڏو ٿوڪ، سو "سچو" آهي نہ سيڪنهين.

(سچل)

چريو سوئي لوڪ، جو چرين کي چريو چوي،
چرين ڏئو سو ٺوڪ، سياڻا سڪن تنهن کي.

(روضي ڏٺي)

جان مون ملان هوت، تيسين تائين نہ مران،
مادر ! تائين موت، اهو اٿر آسرو.

(سچل)

ملان مان بلوچ، ور ڏيئي ڏونگر ڏوريان،
جيڪا لائق لوچ، سا محبت مون ڪئي.

(روضي ڏٺي)

ماڻ ڪريان تان مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر،
انهيءَ وائي ور، کو سمجهي "سچيڏنو" چوي.

(سچل)

نہ زبان زاري ڪري، نہ دل چوي الله،
اوري ئي اوجون ٿئو، روح نہ لهندو راه.
انهن تنهين کان ڌار، کا ڳجهي آهي ڳالهڙي.

(روضي ڏٺي)

"سچو" سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مٽون آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل،
هندو مؤمن سو ٿيو، پول نہ ٻئي ڪنهن پل،
"خلق الاشياء فهو عينها" اهو آڻ عمل،
ٿج ڪلابي گل، مر مارئي منصور جيان.
(سچل)

وحدت مان ڪثرت ٿي، آهي ڪثرت وحدت ڪل،
اندر پرين ٻاهر پرين، پول نہ ٻئي ڪنهن ٻل،
هي هنگامو هل، مڙوئي محبوب جو.

(روضي ڏڻي)

آءُ اسان وٽ يارتون، آهي هت اسان جو حال هيءُ!
اٻاڻڪو آهيان گهٽو توريءَ پرين پرديس ۾،
آءُ مڙيوئي معلوم ڪر، عاشق سندو احوال هي !

(سچل)

توريءَ جيءُ نہ جاءِ، سگهو مل محب موچارا ميان،
دل نماڻي دوست ريءَ ميان الا، آهي هيڪلڙي هن

(روضي ڏڻي)

جهڙو پانيهر پاڻ ڪي، تهڙو آهيان آنءُ،
باقي رهيو نانءُ، "سچو" مون صاحب جو.

(سچل)

جنين پانيو پاڻ ڪي، هڏهين ڪين ڪري،
هوندیون تن ڳري پريان سنديون ڳالهڙيون.
(روضي ڏڻي)

مددي کتاب

١. ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون. سيد حسام الدين راشدي - ١٩٨١ع.

٢. رسالو سچل سرمست: عثمان علي انصاري، ١٩٧٨ع.

٣. مکتوبات شريف ۽ سوانح حيات، سيد محمد راشد روضي ڏٿي: ڊاڪٽر نذر حسين سکندري - مدرسه صبغة الهدي، شاهه پور چاڪر سانگهڙ، ١٩٩٦ع.

٤. سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام: مولانا حڪيم محمد صادق راڻيپوري، ١٩٨٢ع.

٥. سچل جو سنيهو: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ١٩٨٤ع.

٦. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو: ڊاڪٽر عطا محمد حامي - ١٩٩٤ع.

٧. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور: (سنڌي - ٻه حصا- نئون ڇاپو) مولانا غلام رسول مهر، ١٩٩٦ع.

٨. ماهوار "الراشد" روضي ڏٿي نمبر - ڊسمبر ٩٦ جنوري ٩٧ع.

٩. سرمست ٨ - ١٩٨٨ع.

١٠. تاريخ سکر - مولائي شيدائي. ١٩٩٢ع.

سچلؒ عہد حاضر

انعام شيخ

سچل سائينءَ جو فڪر ۽ اڄ جو قلمڪار

جيڪڏهن سنجيدگي اختيار ڪندي، اسين دنيا جي قومن جي تواريخ تي نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ته پتو پوندو ته ڪائنات جي مختلف مظهرن جي عروج ۽ زوال جا جيئن ڪي اهڃاڻ ۽ سبب هوندا آهن، تيئن سماجي سائنس جي حوالي سان پڻ قومن جي بقا ۽ بربادي۽ لاءِ به ڪي بنيادي ڪارڻ ضرور هوندا آهن.

انهن بنيادي ڪارڻن منجهان رياڪاري يا ڪوڙي ڏيکاءَ پنسدي به هڪ اهم جز آهي. دنيا جي مختلف خطن جي اوسر تباهيءَ بابت تفصيل ڇاڻڻ جي جستجو دوران محسوس ٿيندو ته قديم هندوستان جي وسيع سلطنت هجي يا بابل، نينوا ۽ مصر جون شاندار تهذيبون، يونان ۽ روم جون عظيم الشان بادشاهتون هجن، يا عرب، فارس، چين توڙي يورپ، آفريقا ۽ ٻين علائقن جون ٻيڻاهه جاه وجلال واريون حڪومتون ۽ سر شتا. سيني جو زوال ٿورڙي يا گهڻي فرق سان، گهڻي قدر ڪوڙ پرستيءَ، ڏيکاءَ پسندي ۽ حقيقتن کان منهن موڙڻ جي ڪري ئي آيو هوندو. نه رڳو ايترو، پر انهن سماجن ۾ اهي سڀ سوچيندڙ ڪڙي پريکشا ۽ آزمائش منجهان ضرور گذريا هوندا، جن آئينا ٻڌجي حقيقتن جي عڪس ڪشي ڪئي هوندي. سقراط، مهاتما ٻڌ، حضرت مسيح حضرت محمد صلي الله عليہ وآله وسلم، مزدڪ، حضرت موسيٰ، گيليليو، برونو، منصور حلاج ۽ سرمدشهيد تائين بيشمار مهان شخصيتون انهيءَ سلسلي ۾ بهتر مثال ٻڌجي سگهن ٿيون.

سنڌ جي اتهاس ۾ پڻ مختلف دؤرن ۾ اسان کي ڪي نه ڪي اهڙا ذهن ۽ سرير سجهن ٿا، جن هن خطي ۽ آتان جي ماڻهن جي اخلاقي، روحاني

۾ سماجي بهتريءَ لاءِ ڪوڙ ۾ ڏيکاءَ جي خلاف لازوال جنگ جوتي. منجهائن ڪن پنهنجي جسماني سگهه ۾ عقل جي زور تي جنگي سورما ٻڌجي جان جو هليدان ڏيئي، قوم کي ذلت ۾ غلاميءَ جي قيد منجهان رها ڪرايو. تہ ڪن پنهنجي احساس، گهري خيال ۾ روحاني قوت جي بل تي سنڌي سماج جي ٻڌندڙ ٻيڙيءَ کي تارڻ جي ڪوشش ڪئي، وطن ۾ خدا جي خلق جي گهٽگهرن هن ڏس ۾ پنهنجي ذات، فن ۾ صلاحيتن کي امانت سمجهندي، اُن کي عوام ۾ نہ رڳو واپس موٽايو. پر انهيءَ امانت جي املهه هجڻ جي باري ۾ راهبري ڪندي، ماحول کي پاڪ پوتر ۾ پيار ڪرڻ جهڙو ٻڌايو.

سنڌي ساهت ۾ سمجهه جي ڪيتر ۾، جن غير معمولي شخصن پنهنجو پاڻ سماج جي بهتريءَ لاءِ اڻپيو ۾ پنهنجي خدا داد صلاحيت کي عام ماڻهوءَ جي سڌاري لاءِ ڪم آڻيندي اٽمٽ نقش ڇڏيا، تن منجهان سچل سائين مٽاهين جاءِ والاري ٿو. صدين کان غلاميءَ جي اُس ۾ سڙندڙ سنڌ ۾ بيوسيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ مسڪين ماڻهن جي چوٽڪاري ۾ ساڻن اڻ ٽٽ سنهڙ جي سلسلي ۾ جيڪي پختا بنياد لطيف سائينءَ رکيا هئا، سچل انهن بنيادن تي هڪ اهڙي فڪري روپي کي جنم ڏنو، جنهن ۾ انسان دشمن ۾ استحصال پسند قوتن کي ڪلي عام للڪار هئي. هن روپي ۾ سماجي خرابين تي سکڻي ٽيڪاٽپٽي ڪرڻ ۾ داخلي احساسن جي سطحي اُپٽار بجاءِ واضح ۾ سڌو پيغام هئو. جنهن پيغام تي اڄتي هلي ڪيس سنڌجي اتهاس ۾ هڪ غيرمعمولي شخص، شاعر ۾ مفڪر جي روپ ۾ امرتا بخشي ڇڏي.

سچل جي هن سوچ جو محور سچ ۾ ان جو حصول رهيو آهي. هن جو نالو، هن جي دعويٰ ۾ سندس تخليقي جوهر سڀ اها نشاندهي ڪن ٿا، تہ سچل سائين پنهنجي مڙني حواسن ۾ غور فڪر ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتو تہ سنڌ جو ستايل ماڻهو، مقامي توڙي غير مقامي ڦورو طبقن جو وڌيڪ ستم نٿو سهي سگهي. داخلي انتشار، اقتدار لاءِ ڪلهوڙن ۾ ميرن جي دؤر ٽيل رساڪشيءَ سندس سچو رت ست نپوڙي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ٽلهيون شاعراٽيون موشگافيون ڪرڻ، عوام کي فني پيچيدگين جو شڪار

بڻائي، مڻائڻ پنهنجي علميت ۽ فضيلت جو داهو ڏيڻ سان مسئلي جو حل نه ملي سگهندو، ۽ نه وري رياڪاري ڪندي پاڪرڪٽو برپا ڪري، ڳوڙها ڳاڙي تواريخ وٽ دائمي طور عزت ماڻي سگهبي، تنهنڪري هن پنهنجي رد عمل کي ظاهر ڪندي چيو:

"پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان !
ظاهر ڪريان ذات کي، تا هيءُ بت ٻچايان،
منصوريءَ جي موج ۾، ٿو انا الحق الايان،
واديءَ جي وحدت جي گهوري سرگهمايان،
اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وڄايان،
ظاهر باطن هڪڙو، آئون تا حڪم هلايان،
"سچو" سارو سچ ٿيو، حڪمت هيءَ چلايان."

سچل سائين پنهنجي انهيءَ اعلان سان نه رڳو ان دؤر جي مروج مدي خارج ملازم، رياستي ڍانچي ۽ سائس لاڳاپيل دقيانوسي سوچن تي چوٽ ڪئي، پر بذات خود هڪ اهڙي مؤقف کي اڳتي آندو، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ تڏهوڪي مراعت يافته طبقي جي طبعيت کي ٻاڻ ڪو نه ٿي پيو. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيس هڪ ٻيو اعزاز به حاصل آهي ته انهيءَ تحريڪ جي شروعات ڪندي ٻين تي تجربن ڪرڻ بجاءِ، سچل سائينءَ پنهنجي ذات کي سڀ کان اڳ پيش ڪيو. هن پنهنجي ذاتي خواهشن کي خيال جي پاڪيزگيءَ ۾ اهڙي ته بيمثال ڪاريگريءَ سان تخليل ڪري ڇڏيو، جو سندس لاشعور، تحت الشعور، توڙي شعور جي وچ ۾ ڪو به ويڇو باقي نه رهيو. نتيجي ۾ فرد جي اندر جيڪو بي يقينيءَ ۽ بي چينيءَ جو زبردست عذات هجي ٿو، تنهن جو وٽس تصور به باقي نه رهيو. هو هڪ اهڙو ڪلاڪار، مفڪر ۽ مدبروجود بڻجي پيو، جنهن جي زندگيءَ ۾ مقصديت پڌا ٿي وئي ۽ ان مقصديت سندس زندگيءَ کي جواز فراهم ڪيو. ايتري قدر جو جڏهن هن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاتي ته پاڻ ٿي چئي ويٺو:

جهڙو پاڻيم پاڻ کي تهڙو آهيان آنءُ،
باقي رهيو نانءُ، "سچو" مون صاحب جو.

ظاهر آهي ته ڪنهن عظيم فنڪار جي اندر اها شڪتي فقط ئي فقط تڏهن پيدا ٿي سگهي ٿي، جڏهن هوبنيادي طور تي نه رڳو پنهنجي ذات جو ڪارج ڳولي الهي ٿو، پر ان ڪارج کي ڪنهن اعليٰ مقصد سان سلهاڙي، بنان ڪنهن ذاتي فائدي ۽ بغير ڪنهن ڏيکاءَ جي پاڻ کي سوجهيل سچائيءَ جي حصول جي سلسلي ۾ قرباني‌ءَ لاءِ پيش ڪندي سچ جي آذان ڏيڻ لڳي ٿو.

اسين اڄ، جيڪي سنڌ جا تخليقڪار، اديب ۽ شاعر، سچل سائينءَ جي انهيءَ فڪر ۾ يقين جو اظهار ڪرڻ لاءِ، سندس درٻار ۾ پهتا آهيون. تن لاءِ به دراصل اهو سوال ئي بنيادي سوال آهي ته ڇا اسين سچل جي شاعريءَ ۽ پيغام جي روح کي سمجهندي، پاڻ ۽ پنهنجي فن کي ايڏي ئي سچائيءَ ۽ سمجهداريءَ سان سنڌي سماج کي ارپڻ جي جستجو ڪئي آهي؟ ڇا اسان پنهنجين تحريرن ۽ تخليقن ۾ هڪ ايماندار ۽ باضمير فنڪار واري بي تعصبي، جرئت ۽ پري آن جو ڪو مناسب ڪارج ۽ مقصد پئدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون؟

انهن سوالن جا جواب ممڪن آهي ته مختلف دوستن وٽ مٽيل صورتون رکندا هجن، پر منهنجي راءِ موجب ايئن چئبو ته سنڌي سماج جو موجوده چهرو ڏسي ڪو به حقيقت پسند شخص اطمينان جو اظهار نٿو ڪري سگهي. اهڙي ڏکوئيندڙ صورتحال ۾ هڪ سچ پرست قلمڪار جو جيڪو فطري رد عمل هجڻ کپي، افسوس اهو آهي ته سو به موجود کو نه آهي. ٿورڙو باريڪ بينيءَ سان غور ڪبو ته پتو پوندو ته اسان جي ديس جي ساهتڪار ۽ تخليقار جا رويا پڻ عام ماڻهوءَ جي طرز عمل جي عڪاسي ڪن ٿا. تعليم، شعور ۽ ڏاهپ جي موجود هئڻ ڪري سندس سوچ جا جيڪي ڪائناتي معيار هجڻ کپن، سي وٽس موجود ڪونهن ۽ نه وري وٽس راهنما

ڪردار ادا ڪرڻ جي جرئت آهي. جيڪا ڳالهه سچل سائين ۽ صوفياڻي فڪر جي حقيقي جوهر جي سراسر خلاف آهي. چاڪاڻ ته ان وات جا پانڌئيڙا ته ذاتي حاصلات ۽ حقير مفادن کان بلند ٿي، لوڪ جي پلي لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ کان ڪو نه لنوائيندا آهن. سندن منشور ته هيئين هولن جو سچو عڪس هوندو آهي:

ڏاها ڏوريون پنڌ، متان پانيئن پرين جو،
جيباڻو هنڌ، وڃي ڏسج اکڙين سين.

هيءَ هڪ المناڪ حقيقت آهي ته سماجي اصلاح، خدمت ۽ جهاد کان پاڻ پري ڪندي، اڄ جو قلم ڏٽي مجموعي طور تي پنهنجي فن ۽ فڪر جو دُرست رخ متعين ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي. پنهنجي ۽ سنڌي معاشري جي وچ ۾ غير فطري وٿي پئدا ڪندي، هن پنهنجي فن ۽ شخصيت جو ڪارج وڃائي، ٻنهي کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس سموريون ڳالهيون ۽ دعوائون ڪشش وڃائي ويٺيون آهن. اڄ ڪنهن شاعر جو شعر، نثر نويس جو مضمون ۽ سگهڙ جي ستائتي ڳالهه هڪ محدوم حلقي منجهان گهمي ڇا لاءِ فقط بيساهن لفظن جو لاش بڻجي چڪي آهي؟ فقط ان لاءِ ته اڄ جي قلمڪار پنهنجي ڳالهه کي رڳو پنهنجي ذاتي تسڪين ۽ فائدي جي لاءِ استعمال ڪندي، ان کي خلق خدا سان وندڻ ڇڏي ڏنو آهي، هن قسم جي مستقل روش وڏي پٺماني تي ڏيکاءَ ۽ رياڪاريءَ کي جنم ڏنو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اخلاقي بي راهه روي ۽ بين معاشرتي توڙي معاشي مرضن اندران ٿي اندران سنڌي سماج کي ڏانڊو ڪري ڇڏيو آهي.

اسان کي سمجهڻ ڪپي ته ڪنهن به سماج جي باشعور طبقن جي پنهنجي سماج ڏانهن اها نيتي مجموعي طور تي آپگهات جهڙو هڪ عمل آهي. جيڪو عمل، انهن طبقن کي هرگز به نٿو جڳائي. ڇا لاءِ ته تورايخ جي داستان ۾ ڪنهن به قوم جا ڪروڙين فرد ۽ سيئي پرت سڃاڻپ جي اعليٰ پَدَ تي ڪو نه پهچي سگهندا آهن. لڪن ۾ ڪو هڪ ورجل، هڪ هومر،

شيڪسپيئر، ڪاليداس، هائيني، لطيف ۽ سچل هوندو آهي، جيڪو قوم جي مجموعي ڪردار جو چٽو عڪس بڻجي ايرندو آهي. انهيءَ ڪري اُهي فرد قومن جي سجاڻپ سان گڏ سندس روين جا رخ متعين ڪندڙ استاد ٻہ هوندا آهن.

دنيا جي سڀني مهان ماڻهن وانگر سچل ٻہ انهيءَ حقيقت کي ڄاتو پئي، تنهنڪري هن ڳالهہ کي چٽو ٻڌڻ، چٽو سمجهڻ ۽ چٽو چوڻ واري ريت تي عمل ڪندي انسان کي ڪائنات ۾ عظيم تر منصب ڏيارڻ ۽ سندس ڪردار جي درستگي ڪرڻ سان گڏو گڏ، پنهنجي قوم جي فطري خوبين کي برقرار رکڻ لاءِ سماج ۾ ڪوڙ ۽ ڪچ جي خلاف نہ رڳو آواز بلند ڪيو، پر پنهنجي شاعريءَ ذريعي انهيءَ پيغام کي امرتا بخشي ڇڏي. در اصل انهيءَ پيغام سان سلهاڙجي ئي اڄ جا قلمڪار پڻ مناسب ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي آسپاس ڦهليل نفرت، مايوسي ۽ بدڪرداريءَ جو ترياق ممڪن ٿي سگهي ٿو.

ڈاڪٽر شاهنواز سومرو

سرمست ڪتابي سلسلي جي مقالن تي تنقيدي جائزو

سچل سائين جو هيءُ سالياڻو عرس ۱۷۵ هون عرس آهي. جيڪو سندس عقيدت مند وڏي احترام سان ملهائي رهيا آهن. سچل سائين جا هي عقيدت مند هر سال ساڳي ئي عقيدت سان ايندا رهن ٿا. سياڙو هجي يا اونهاڙو، سردي هجي خواهه گرمي، سندن اڇ ۾ ڪڏهن به ناغو ناهي پيو. البت اُهي ماڻهو جيڪي سچل سائين جي فڪر جا وارث آهن، اهي ويهن ڏيهن سالن کان ظاهر ٿيا آهن. شايد اهو انڪري هجي، جو سچل سائين جي شاعريءَ متعلق هڪ اهڙو طبقو، جنهن کي اڄ ڪلهه استحصالي طبقو ٿو سڏجي، ۽ اهو طبقو ڪنهن حد تائين پڙهيل ۽ سڌائيندو رهيو آهي، انهيءَ طبقي سچل سائينءَ جي مڪتب فڪر تي قبضو ڪري ورتو ۽ ان جي غلط تا ويلن ۾ ايترو تہ پرپور ڪردار ادا ڪندو رهيو جو ماڻهو وقت گذرڻ سان انهيءَ ڄار ۾ ڦاسندا ويا. ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لکڻ موجب ! "تہ اهو طبقو ڇاڻي واڻي اهو تاثر ڏيندو رهيو ۽ چرندو رهيو تہ "سچل مدهوش هو، مجذوب هو، مست هو ۽ بي هوش هو. "دراصل انهن ماڻهن اهو انڪري هلايو تہ جيئن عوام الناس سچل سائينءَ جي فڪر کي قبول نہ ڪري. سچل جي فڪر کي وسعت اڇ ۾ اهڙي طبقي جي مفادن کي نقصان رسڻ جو انديشو هو. انڪري اهڙا ماڻهو زهر گاڏڙ زبان ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪندا رهيا. جن سچل سائين جي انهيءَ باغيانہ فڪر کي، جيڪو هن جابر حاڪم ۽ سندس پگهار دار طبقي جي خلاف پيش ڪيو هو، ان کي ڪنهن حد تائين نقصان ضرور رسيو. سچ پچ سچل سائين جي مڪتب فڪر کي جيڪر ايترو نقصان نہ رسي ها، پر جي انهيءَ فڪر کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ پير حسام

الدين راشدي، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ٿورو اڳ ۾ پيدا ٿين ها! هاڻي به اسان نا اميد ناهيون. ڇا ڪاڻ ته سرمست جي فڪري لاٽ کي ٻارڻ لاءِ هاڻي هزارين نوجوان ميدان ۾ پهچي ويا آهن !

سچل سائينءَ جو فڪر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، رشيد يٽي ۽ تنوير عباسي هڪ بحر بيڪران آهي. سنڌو درياءَ جهڙو مؤجزن. جنهن ۾ بقول پٽائي "جي ماسو مڙ ئي مال، ته پوڃارا پر ٿئين !" هن مقالي ۾ مون سچل سائين جي فڪر تي نه، پر سچل سائين جي اهڙن عقيدت مندن جي فڪري مطالعي جو مختصر تعارف ڪرايو آهي، جيڪي سورهن سالن کان هن ادبي سيمينار ۾ پنهنجي عقيدت جي ورکا ڪندا رهيا آهن. هن وقت منهنجي اڳيان سچل سرمست ياد گار ڪميٽي خيرپور جا "16" ڪتاب آهن ۽ هر سال هڪ ڪتاب جنهن ۾ سچل سرمست جي فڪر ۽ فن تي سنڌ جا عالم مقالا لکندا آهن، اهي سرمست ڪميٽي شايع ڪرائيندي آهي. هي مقالا ڪهڙي نوعيت جا آهن؟ انهن کي پڙهڻ ضروري آهي. انهن جو مطالعو معلوماتي هجڻ سان گڏ ڏاڍو مزيدار به آهي. ڇا ڪاڻ ته ڪي مقالا اهڙا به آهن جن کي پڙهندي ڏک به ٿئي ٿو، ته جنهن رياستي ڏاڍ ۽ مذهبي ڪٽر پڻي خلاف سچل سرمست جهاد ڪيو، ڪيترن اسان جي مقالا نويسن سچل جي فڪر کي وري به ذات پات ۽ مذهبي پيد پاءُ جي چوليءَ ۾ ويڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شايد اهو ان ڪري جو اسان جي ڪيترن عالمن تي اهو خوف تاري آهي ته جيڪڏهن انهيءَ حقيقت کي قبول ڪيو ويو، ته هندو توڙي مسلمان الله جي نظر ۾ برابر ۽ هڪ جهڙا آهن، ته شايد هو ديني سرحدن کان ٻاهر نڪري وڃن ! ۽ انهيءَ عمل جي سزا کين ايندڙ جهان ۾ ملي ! حالانڪ دين اهڙي ڳالهه جي ڪا به نشاندهي نٿو ڪري ته ڪو انسان جي ذات ۾ فرق آهي، اگر آهي ته رڳو عملن جو آهي. جس آهي، پير حسام الدين راشديءَ کي جنهن گربخشائيءَ جي صالح عمل جي تعريف ڪري لکيو آهي، ته اهو بهشت ۾ ضرور ويندو. هو لکي ٿو ته "مولوين جي اعتماد مطابق گربخشائيءَ کي بهشت نه ملندو ڇا ڪاڻ ته هو هندو هو، پر مان سمجهان

ٿو پيو ته قطعاً اسان سيني کئون اڳ ۾ بهشت ۾ هليو ويندو ممکن آهي ته مولانا قاسميءَ کئون به اڳ ۾ هليو وڃي!"

اهو مٿيون حوالو، مون سرمست ۲ مان کنيو آهي، جيڪو ۱۹۸۲ع ۾ شايع ٿيو ۽ اها ڳالهه پير حسام الدين راشدي سچل ادبي سيمينار جي صدارتي تقرير ۾ چئي هئي. بيشڪ پير حسام الدين راشدي هڪ عالم انسان هيو، هن جو مطالعو وسيع هيو ۽ ان سان گڏ دل ۽ جگر جو به وسيع هيو. ليڪن اها ڳالهه دعويٰ سان چئي سگهجي ٿي ته، جيترو دل جگر سچل سائين جو وسيع هيو، ايتري وسعت وارو انسان ايڏا ته سنڌ ۾ پيدا ڪو نه ٿيو آهي. مان وثوق سان چوان ٿو ته جيڪا ڳالهه پير حسام الدين راشدي ڪئي آهي، ان جي فيض جو محرڪ سچل سرمست ئي ٿي سگهي ٿو. بحر حال اهڙيون ڪئي ڳالهيون ۽ حقيقتون سرمست ڪتابي سلسلي جي مطالعي مان ملن ٿيون. سرمست ڪتابي سلسلي ۾ شروع شروع ۾ شاعرن جا اشعار به شايع ڪيا ويندا هئا. ۽ اهو سلسلو ۸۹ع تائين قائم رهيو. جنهن ۾ ۴۶ شاعرن سچل سرمست جي حضور ۾ پنهنجي عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. انهن ڪتابن ۾ مقالا به شايع ڪيل آهي. پر جيئن ته بعد ۾ شعرن جي اشاعت کي ڪن سببن جي ڪري روڪيو ويو ۽ رڳو مقالن جي اشاعت کي جاري رکيو ويو. انڪري اسان هن ۾ صرف سچل سرمست ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿيل مقالن جو ذڪر ڪندا سون.

سرمست سلسلي جي سورهن ڪتابن ۾ ڪل هڪ سؤ پنجونجاهه (۱۵۵) نندا وڏا مقالا لکيل آهن. جيڪڏهن سچل سائين جي شاعريءَ جي تشريح جي حوالي سان فن ۽ فڪر ۽ سندس سوانح حيات جي لحاظ کان انهن مقالن کي ورهائجي ٿو، ته اهي مقالا هيٺين موضوعن ۾ ورهائجي سگهجن ٿا ۽ انهن جو هيٺينءَ ريت تعداد بيهي ٿو.

۱. ادبي نوعيت جا	ڪل	۳۸	مقالا بيهن ٿا.
۲. ثقافتي نوعيت جا		۴	=
۳. تاريخ جي مواد جا		۵	=

۴. تصوف جي نوعيت جا	۳۱	=
۵. مذهبي نوعيت جا	۱۲	=
۶. روشن خياليءَ جي نوعيت جا	۲۴	=
۷. سوانح حيات سان تعلق رکندڙ مقالا	۲۷	=
۹. سنگيت ۽ رقص جي نوعيت وارا	۵	=
۹. تنقيدي نوعيت جا	۹	=

متي ڏنل موضوعن جي وچور، جيڪا ۱۵۵ مقالن مان ترتيب ڏنل آهي، انهن مان نظر ايندو تہ ٿوري ۾ ٿورا مقالا سرسنگيت ۽ رقص جي موضوعن تي لکيا ويا آهن. سچل سائين هڪ صوفي بزرگ سان گڏ عظيم شاعر بہ هيو. شاعر جيڪڏهن ڪلا ۽ سنگيت کان اڻ واقف هجي، تہ اهو شاعر سڏائڻ جي لائق نہ آهي. سچل سائينءَ جي شاعريءَ لاءِ آغا سليم ڪهڙو نہ خوبصورت سچ چيو آهي، تہ "سچل سائين جو ڪلام سماع جي روايت جو ڪلام آهي ۽ ڳائجڻ لاءِ لکيو ويو آهي. هو سازن جي ڌن تي رقص بہ ڪندو هو."

پروفيسر لاسنگهہ آجواڻي لکيو آهي تہ "سچل جهڙو ڳائيندڙ سنڌ ايڏا پيدا ئي ڪو نہ ڪيو آهي....."

... هن جي جنهن بہ بيت ۾ جهاتي پائبي تہ سچل ويڙل نظر ايندو."

افسوس آهي، تہ سچل سرمست جي فن ۽ فڪر تي ڏيڍ سؤ سال اهڙن ماڻهن جو قبضو رهيو آهي، جيڪي موسيقيءَ کان ناواقف ۽ رقص کان خوفزده هئا. انڪري هنن سچل جهڙي عظيم شاعر ڪي ريواتو، مست ۽ بي هوش پئي سڏيو آهي. ۽ اهو سلسلو ختر ڪونهي ٿيو. پر جاري آهي.

مان سمجهان ٿو تہ انهيءَ روايت کي وڌائڻ ۾ سچل سائينءَ جي اهڙن معتقدن جو بہ ڇڪو حصو آهي. جيڪي سچل سرمست جي فن ۽ فڪر کي، مذهبي جنونين جي عذاب کان بچائڻ لاءِ ائين چوندا رهيا تہ "جيڪو

سچل سائينءَ جو باغيانہ آواز آهي، در اصل اهو سندس آواز نہ، پر خود خدا جو آواز آهي ۽ اهو ئي کانئس چورائي ٿو." مصلحت سڀي، پر انهيءَ جي عمر کانهي.

اگر هن متين ڀگالهہ کي قبول کيون، تہ پوءِ ذهن تي ہہ گمان گذرن ٿا: هڪ تہ سچل سرمست جي زندگيءَ کان پوءِ ہہ ملائي ڏانءَ جي حاڪميت کي وڏو تحفظ رهيو آهي. ۽ ان مان خطرو اهو هيو، تہ جيڪڏهن مختلف قسمن جون اٽڪل بازيون نہ کيون ويون تہ سچل جي سموري فڪري مواد کي ناس کيو ويندو. ٻيو گمان اهو ٿو گذري تہ انهيءَ سموري هوست ۽ گهٽ واري دور ۾ شايد کيئي مفڪر پيدا ٿيا هجن ۽ انهن جي مودا کي تحفظ نہ ملي سگهيو هجي! ورنہ اهي کهڙا اسباب ٿي سگهن ٿا. جن جي ڪري سچل سرمست جهڙي عظيم شاعر جي فڪر کي وجداني ۽ مجذوبي ڪيفيت وارو سڏي سگهجي؟ ارمان آهي، تہ اها ويڙن رڳو سنڌي فڪر سان رهي آهي. ايراني مفڪرن لاءِ تہ ڪنهن ہہ ڪونہ چيو تہ اهي ديوانہ هئا، مستانہ هئا وغيره. منهنجو رايو آهي تہ اهڙين تحريرن کان پرهيز ڪئي وڃي جن مان وجداني ۽ مستاني ڪيفيتن جو تاثر ملندو هجي ! شاعري تہ هونءَ ہہ پيغمبري درجي جو عمل آهي. پر سچل سرمست جنهن نوعيت جي فصيح ۽ بليغ شاعري ڪئي آهي اها تہ بي هوشي ۽ لاشعوريءَ واري شاعري کانهي !.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ موجب: "سچل سائين جي شاعرانہ فڪر جو مرڪزي نقطو خود شناسي ۽ خود اعتمادي آهي." هاڻي جيڪڏهن اهڙي شاعري کي مدهوشي ۽ وجداني ڪيفيت واري نوعيت مان پيدا ٿيندڙ ڏيکاريندا سون، تہ پوءِ ان جي اهميت تہ گهٽجي ويندي.

سچل سرمست جي فڪر کي ڇاڻندڙ عالم انهيءَ رائي جا آهن، تہ سچل سائين کي مست نہ پر عالم سمجهيو وڃي. جيئن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سرمست ائين جي صدراتي تقرير ۾ چيو: "ڪر از ڪر منهنجي دانش موجب، هو عالم هو، مفڪر هو." هن ڪتابن ۾ ڪل ۵۲ عالمن جا مقالا شايع ٿيل آهن.

هن ۾ تمام اعليٰ پائيہ جي اديبن ۽ عالمن جا مقالا ۽ آهن. ته يوسف جي خريدارن واري قطار ۾ بينهندڙن جا ۽ آهن. اها فطري ڳالهہ آهي، ته جتي مٿين درجي جي عالمن جا مقالا پڙهندي. روح کي راحت ٿي اچي، اتي اهڙن ماڻهن جا مقالا ۽ رايا پڙهندي کوفت ۽ ٿئي ٿي. جن سچل سرمست جي فکر کي سمجهيو ۽ نہ آهي، ۽ انجي فکر تي لکڻ جا مجاز ۽ ٿي پيا آهن. مان ته رڳو اهڙن ماڻهن لاءِ هتي فردوسيءَ جي شعر جي اها سٽ پيش کندس جيکا هن ايراني حاکميت کي ختم کندڙ عربن لاءِ چئي هئي "تفو بر تو اي چرخ گردان تفو، که تخت کيان راکند آرزو."

سرمست ڪتابي سلسلي جي ڪتابن ۾ اهڙا ڪيئي مضمون موجود آهن جن جو مطالعو انساني ذهن جي ترقي لاءِ فائدي مند نڪو رهي. البت اهڙي مطالعي مان پڙهندڙن جا ذهن گهٽي حد تائين ملول ۽ ويڪاڻا ٿي پوندا آهن. اسان کي انسان لاءِ عزت ۽ وقار واري زندگي جي همٿ افزائي ڪرڻ کپي ۽ نہ غلامانہ زندگي جي هاڻي اهڙي تصور کي ختم ٿيڻ کپي. سچل سائين ۽ اهڙي زندگي گذارڻ جو درس ڏنو آهي، جنهن ۾ انسان هر لحاظ کان عزت ۽ احترام وارو نظر اچي.

سرمست جي ڪتابن ۾ پيش ڪيل اهڙن مضمونن مان هڪڙي لائق مصنف جي مضمون مان ٿوري مثال پيش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو. مضمون نصرت حسين ابڙي صاحب جو آهي. جيڪو سرمست -۱۴ جي صفحي نمبر ٦٥ تي پيش ڪيل آهي. مضمون جو عنوان آهي "سچل دانشورن جي نظر ۾ " لائق مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا جي مقالي جي حوالي سان لکيو آهي ته "سچل راڳ رهاڻ ۾ وقتي مستيءَ ۾ اچي نچڻ لڳندو هو. اکين مان آب وهڻ لڳندو هوس، جسر جو وار وار ايو ٿي ويندو هوس ۽ بي اختياريءَ ۾ جيکي لفظ منهن مان نڪري ويندا هئس تن کي فقير لکندا ويندا هئا. عالم مدهوشيءَ مان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ کيس سندس شعر پڙهي ٻڌايو ويندو هو ته چوندو هو ته ابا چوڻ واري اهو چيو آهي، اسان کي ان جي ڪا ۽ خبر ناهي".

هن بيان مان ائين ٿو لڳي جڏ سچل سائين کان ايجنسيءَ وارا سندس باغيانہ روش جي انکوائري کرڻ آيا هئا ۽ هن انهن کان لنوائڻ جي کوشش ڪئي آهي. مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن ان دؤر جون سڀ ايجنسيون ڪيس موت جا خوف ڏئي ۽ سندن ڪلام تان دست بردار ٿيڻ لاءِ چون ها، تہ تڏهن بہ سچل سائين پنهنجي ڪلام تان هٽ نہ ڪئي ها !.

ڪافي مقالا انهيءَ دؤر تي پرپور روشني وجهن ٿا، جن جو مطالعو ہڏائي ٿو، تہ اهو پر آشوب دؤر هو. مغل ڪلهوڙا ۽ تالپر حڪمران جن جي ايامڪاري ہر اسان جي سنڌ جا صوفي شاعر پيدا ٿيا. انهيءَ سموري دؤر ہر جيڪو تقريبا ادائي سؤ ورهن تي محيط آهي، ملائي ڏاڻءَ جي حڪومت هئي. حاڪم اڻ پڙهيل ۽ ملان وري ٿورو پڙهيل، طبعيت جا ضدي ۽ اخلاقي طور داغدار "باهر زيب زبان ۽ اندر هچارا". انهن جي خلاف سنڌ جي دانشور طبقي بغاوت ڪئي. بقول سچل سائين: "سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي." حقيقت ہر سچل سائين جو سمورو ڪلام جاگيردارانہ حاڪميت ۽ ملي جي فڪري اجاراداريءَ جي خلاف هڪ بغاوت آهي. هن صوفيا نہ فڪر نہ رڳو ضدي ملي، پر مذهب ۽ ڏرم جا بہ اهي ورق جلائي ڇڏيا، جيڪي ملي ۽ پنڊت لکيا هئا. اهوئي سبب هيو، جو ملو ۽ پنڊت جڏهن پُڄي نہ سگهيو تہ صوفي دانشورن کي مدهوش، مجذوب ۽ مجنون سڏڻ لڳو. محض انهيءَ لاءِ تہ جيئن عوام الناس صوفين جي چوڻ تي سندن پڳڙيون نہ لاهي ويهي! هن وقت ملائيت ۽ پاپائيت جو زور ٽٽي چڪو آهي. خدارا هاڻي تہ انهن کان خوف نہ کائو! سچل سائين جيڪو فڪر ڏنو آهي، ان تي عمل ڪيو تاڪ انسانيت جي آبياري ٿئي ۽ شيطاني قوتن کي شڪست ملي !

محمد پنهل ڏهر

حضرت سچل سرمست جو عاشق
پير حسام الدين شاهه راشدي

جڳ مشهور محقق، مؤرخ ۽ عالم پير حسام الدين شاهه راشدي به حضرت سچل سرمست جي سوانح نگارن ۽ شارحين مان هڪ هو. هي سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي ٽيندڙ ڪن ادبي ڪانفرنسن جو رح روان پڻ هو. پيرصاحب جي سچل سرمست سان بيحد عقيدت هئي ۽ ان جي ڪلام سان حد درجي جو عشق هو. سچل سرمست جو هي شيدائي ۽ عاشق تاريخ پهرئين 1 اپريل 1982ع تي هميشه لاءِ اسان کان وڇڙي ويو.

سچل سائين ۽ ان جي ڪلام سان والهانه عشق ۽ محبت جي جهلڪ پير صاحب جي لکيل هيٺين ڪتابن ۾ نمايان طور تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن ڪتابن ۾ پير صاحب سچل سرمست جي ڪيترن ئي بيتن جو انتخاب، ڏنو آهي.

پير صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب" ۾ سچل سرمست جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "شاهه لطيف وانگر سچل به سنڌ جو لافاني شاعر آهي، ليڪن رنگ بلڪل الڳ اٿس. همه اوست جي فلسفي جو مٺس ايترو ته گهرو اثر آهي جو پنهنجي ڪلام جو هڪ حصو ڪيس پاڻ ئي برباد ڪرٽو پيو ته جيئن عام ماڻهو گمراهه نه ٿين. نفي اثبات، فنابقا، حال قال، همه اوست ۽ وحدت الوجود جهڙن اهم مسئلن جي رازن ۽ رمزن سان سندس ڪلام ڀريو پيو آهي، پورو ڪلام رندي رنگ وٺيو اچي. سنڌي ڪانسواءِ اردو ۽ فارسي ۾ به شعر چيو اٿس." انهي کان پوءِ ۽ پير صاحب، سچل سرمست جا هيٺيان ٽي بيت ڏنا آهن ۽ انهن جي تشريح به ڪئي اٿس.

جيڪا هيٺ ڏجي ٿي.

"مون کي رات رسيون ڏيهه ڏاڏاٽيون خبرون،
ته ساٽيهه سڀ سرهو ٿيو، وڃون واهه وسيون،
برابر بادل ڪيون مٿي لوءِ لسيون،
وڙهيون ڪرڪسبون، پوءِ آهن تار ترايون.

يعني، مارئي پنهنجي وطن کي ياد ڪندي چئي رهي آهي ته مون کي رات وطن مان اهڙيون خبرون مليون آهن ته سڄو ڏاڏاٽو ڏيهه سرهو ٿي ويو آهي. بادل وسيا آهن ۽ وڃون به خوب ڪڙڪن ٿيون. هاڻي ته نهرون توڙي ترايون به پاڻي سان پرجي ويون آهن.

الله لڳ آڏام، موتي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرين کي اهو پاڃي جو پيغام،
ڪري قدمن تي پئي، سو لک ڏيج سلام،
آهي اوهان ري سپرين مڙيوئي ماتام،
اڇڻ جو آجام، سگهو ڪر سپرين.

يعني، خدا جي واسطي تون محبوب وٽ آڏامي وڃ، پهريائين ته سندس قدمن تي ڪري پئو، سوين لکين سلام ڏج، بعد ۾ عرض ڪر ته اي محبوب توکانسواءِ هر طرف ماتم آهي، اگر ٿوري به عنايت ڪري سگهين ته جلد اچڻ جو وعدو ڪر.

هڪ وسڻ، پيو وڃڻ، ٽيون لهي پيو سيءُ،
جهوري وڏن جهوپيون، ڇن وڏائين ڇيءُ،
رنن جو رڻ ۾، والي وسيلو ٿيءُ،
حال جنهن جو هيءُ، پرور رک پناهه ۾.

يعني، سسئي پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ نڪتي آهي، اڪيلي عورت، نه راهي نه رهبر، نه ساٿي نه سنگت. ڪرندي ٿا هڙندي پئي وڃي. رستي ۾ هڪ جڳه جي ڪيفيت بيان ڪندي چوي ٿي، هڪ ته مينهن پيو وسي، پيو وڃ جي ڪڙڪي دل ڏکائي ڇڏي آهي ۽ وري سردي به غضب جي

ٿي پوي. هن مصيبتن سان گڏ وري اهڙي حالت ۾ جتي سرلڪايو اٿر. اُماجهوپڙي ۾ جهڪي ويئي آهي ۽ چت ۾ سوراخ پُجي ويا آهن. جنهن مان پاڻي جا ڦڙا پيا ڪرن. بيابان ۾ ويراني ۽ ڏپ جو ماحول آهي، خاوند تون نه آهين جو سهارو بنجين. اي خدا اهڙي حالت ۾ تون پناهه ۾ رک."

پير صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته "سندس تصنيفن مان ديوان آشڪار (فارسي) رازنامه، رهبر نامه،قتل نامه، گذار نامه ۽ تار نامه آهن. ان کان علاوه هن سندي غزلن ۽ بيتن ۽ ڪافين جو وڏو ذخيرو به چڏيو آهي." (۱)

پير صاحب انهي ڪتاب ۾ تالپرن جي دؤر ۾ ادبي اوسر متعلق لکي ٿو ته "غزل جي ابتدا به هن دؤر ۾ ٿي. سيد ثابت علي شاهه ۽ سچل سرمست خاص طور تي غزل ۾ طبع آزمائي ڪئي." (۲)

پير صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب "هوڏو ٿي هوڏينهن" جي انتساب ۾ سچل سائين جو هي بيت ڏنو آهي.

"سچل کي سينـي ۾ سدا آهـي صنـم،
ڪونهيس ٻيو ڪـر، پٿر جي پوڄا بنا."

انهي ڪتاب ۾ سچل سرمست جو ذڪر ڪندي پير صاحب لکي ٿو ته "سچل سائين جو ڪلام، شاهه ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي ماڻهن کي ياد هوندو هو. اهي به وڏا عوامي شاعر هئا، جن کي هر ڪو ماڻهون سيني سان لايون وتندو هو ۽ اهي ئي به شاعر هئا، جن کي زنده دل هندن به چمي اکين تي رکيو. هزارين هندو درزان جي درگاهه جا مريد هئا، تنهنڪري سچل جي پوڄاٿيندي هئي. افسوس فقط هي آهي جو سچل کي شاهه وانگر ڪو گربخشائي نصيب ٿي ڪو نه سگهيو. صوفي فقيرن جا جٿا هوندا هئا، جيڪي سچل جو ڪلام سڄي سنڌ ۾ ڳائيندا وتندا هئا. گيڙو لٿا پيل هوندا هئا. پيرن تائين چولو ۽ هيٺ تي گوڏ، متو اڳهاڙو، ٻانهن ۽ ڪچي ۾ مٽين جون مالهائون، ڪشتو به هوندو هين ۽ يڪتارو ڪٽي هٿ ۾ چپڙيون جهلي، پيرن ۾ چيريون وجهي، جڏهن ڪن تي هٿ رکي الوميان ڪندا هئا، تڏهن لئي لڳي ويندي هئي. نچندا به هئا ۽ ڳائيندا به هئا، ڏاڍي ترنـم ۽ طرز سان.

ٻڌندڙن جي لونءَ ڪانڌار جي ويندي هئي.

ڳلي ڳلي ٽي ڳوليان جهاتيون پايان .....

واٽ وندر جي ڪوڏسي، واٽ وندر جي ڪو ڏسي .....

پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان .....

ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهه، هر ڪنهن صورت آپ الله .....

يا هي ڪافيون،

ڪيچيڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيڙو جهجي ٿو.

پريان سندري پار ڏانهن، الله اوئي آڻ،

ڇڏي شهر پنيور کي، هاڙهي ويندیس هاڻ،

سگهو ايندو سپرين، پينر منهنجي پاڻ.

او ڇو ٽيون مونکي جهليو، پرين ڏانهن ڏي جيڏيون،

ويهان ڪيئن پنيور ۾، جو روح انهن سان رليو،

ساڻن ٽيندیس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو،

پرين سندي پار ڏانهن، پاڙيچيون نہ پليو،

سڄڻ سارو پانهنجو، سر سڇوءَ کي سليو.

نينهن نهوڙي آهيان، هاڻ جيڏيون ڪاڏي ويان،

پنڌ پري ٽيو پرين جو، عشق آلارو ايان،

ڪتڻ وئڻ نہ ٽئي، چرخو ڦيرائي ڀيان،

پرين نايون پيڙ ۾، عشق سنديون سي آيان،

موڙڻ واري ڪڏهين، سچو نہ مصلحت مڃان."

انهيءَ ڪتاب ۾ ڪانگل جو ذڪر ڪندي سچل سائين جو هيٺيون بيت ڪر آندو اٿس.

" ڏاهو چڙهي ڏار تي، ٿو ڏئي ڏوراپا،

پڌرا ڪري نہ پرين جا اهو نازڪ نياپا،

آڻيو اوراپا، ڳالهيون ڳوري کي چوي."

پير صاحب مذڪوره ڪتاب ۾ ٿي مارئي ۽ سندس قاصدن جي

ضمن ۾ سچل سرمست جا هي ٻه بيت ڏنا آهن.

قاصد آيو ڪونڪو، ڪو نہ لکيائون خط
جيڪس هيس ڪينڪي، ريگستانن رتُ
پنهوارن پاهتُ، تيلهان مون سان نہ رکيو.

"قاصد آيو ڪو نہ، ريگستاني راڄ ڏهون،
چو تو مون کي تارِڪيو، سومرا ۾ سون،
مارن منهنجي روح جو، هت هي هي پتوهون،
چيهون هتي چون، ٽيان اهڙن ڪتابن سان."

سچل جي ڪلام سان پير سائين جو حد درجي جو عشق ڏسجي ٿو، جو انهي ئي ڪتاب ۾ سڄن سمورن پنجن صفحن تي سچل سائين جي ڪانگل وارن بيتن مان ٣٣ بيت ڏنا اٿس.

پير صاحب انهيءَ ڪتاب ۾ عاشق ۽ عشق جو ذڪر ڪندي سچل سائين جو هي بيت پيش ڪيو آهي،

"ريجهي روح رانجهي سان، ڪيڙو ڪيڙ تال،
وڃيون وجهي وچ ۾، چوچڪ ڏس چنڀال،
مادر مهٽا ڏئي ججها، جهيڙي جهنگ سيال،
مئومون مهوال، مون ڪان مور نہ وسري"

مذڪور ڪتاب جي چوٿين باب جي شروعات پير صاحب، سچل سائين جي هن بيت سان ڪئي آهي.

"جي تو ادب آهي، تا ٻنڌاٽن ٻڌي وڌين،
ڪل نہ پيڙءِ ڪاءِ، اصولي اسرار جي."

اهڙي طرح ڪتاب جي ڇهين باب جي شروعات ۾ سچل جي هيٺن بيت سان ڪري ٿو.

"محبت جي مهراڻ مان، جي ملا چاش چکين،
تہ کنز قدوري کافيا، پڙهين کين لکين،
رحل سپ ستين، ملا مسجد کندِ ہر."

پير حسام الدين راشدي، سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي سڏايل ادبي کانفرنس ۾ پهريون پيرو ۲۴ جولاءِ ۱۹۸۰ع ۾ درازن ۾ آيو ۽ ادبي کانفرنس جي صدارت کيائين ۽ ٻئي سال وري ۱۹۸۱ع ۾ انهي ادبي کانفرنس ۾ شامل ٿيڻ خاطر درازن آيو ۽ وري ٻہ کانفرنس جي صدارت واري کرسي تي ويٺو. انهن ٻنهي کانفرنسن دوران پنهنجي صدارتي تقرير ۾ سچل سرمست جي سموري سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ فارسي کلام کي دوباره سهيڑڻ ۽ سموري کلام جو هڪ جامع ۽ مستند متن تيار کرڻ تي زور ۽ سچل سرمست جي کلام جي موجوده ڇپيل نسخن کي جعلي ۽ غلط قرار ڏنائين. خاص طور تي محمد عثمان انصاري واري ايڊٽ کيل سچل سرمست جي سنڌي کلام واري نسخي ۽ مولانا محمد صادق راڄپوري واري ايڊٽ کيل سچل سائين جي سرائيڪي کلام واري نسخي کي. (۱۰)

کتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" پير صاحب جي ڇپيل تاريخي ۽ ادبي سنڌي مضمونن جو ضخيم مجموعو آهي. اهو کتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي. پير صاحب پنهنجي انهي کتاب جي پهرئين باب جي شروعات ٻہ سچل سائين جي هيٺين ٽن بيتن سان کئي آهي.

"مهر سندا مينهن، شاهہ وسائين شل،
جهريل منهنجي جهوپڙي، بنان جهلئي جهل،
کاهل تي کهل، کندين شال کريم تون.

والي وسائيج درد مندي جو ديس،
پرين مون پرديس، ائي ايندم اوڏڙا.

سارنگ سعيي ۾ آڻي، سچل سستي ڇڏ،
مٿان ايندءِ اوچتو، هاڻ نہ مڙندءِ هڏ،
اجهاپي کا اڏ، وسڻ کان اڳي وڃي."

مذکوره ڪتاب جي چوٿين باب جي شروع ۾ به پير صاحب، سچل سائين جا هيٺيان چار بيت آهن.

"ماڻ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تہ ڪافر،
انهي وائي ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي.
سچو منجهئون ٿيو سچ پيدا،
ڪيهون ڪوڙيون ڳالهيون ڳايان.

گوندر جن گذاريو، منهن تنين مشعل،
ڪامون پوري ڪل، انهن جي افسوس جي.
گوندر جن گذاريو، آءُ تنين گهوري،
سدا مون جهوري، آهہ ورهہ وارئين."

پير حسام الدين راشدي، پنهنجي مقاليءَ "اردو ٻولي جو مولد سنڌ" ۾ لکي ٿو تہ سچل سرمست سنڌ جو اهو مشهور سنڌي زبان جو صوفي شاعر آهي، جنهن جا مٺا نغما اڄ تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇڙلاءُ ڪري رهيا آهن. خيرپور ميرس جي رياست ۾ درازن نالي هڪ بستي آهي، هي بزرگ اُتي جو رهندڙ هو، سندس اردو جا چند بيت نموني طور هيٺ ڏجن ٿا.

سارا خيال تيرا، مجهہ پر گناهہ کيا هہ ،
تہ هي گواهہ رهنا، ديگر گواهہ کيا هہ ،

سنوري آج سرميري برهہ باران آيا هہ ،
ڪرم ڪرکے صرف اوپر ابر نسيان آيا هہ .
پتهر هہ ايسي زندگي، بي عشق هہ شرمندگي،
جس کو سجن کادرد هہ . رويت اس کي زرد هہ .

پير صاحب پنهنجي انهيءَ ڪتاب جي ڇهين باب جي شروعات سچل سائين جي هن بيت سان ڪئي آهي.

"ڪشالي مؤن ڪر، ٿوري گهٽي مؤن ٿئي،
سوز گداز ۽ غم، رهبر ٿيندو راهه ۾."(۱۴)

پير حسام الدين راشدي جي وفات بعد سندس پسنديده سنڌي، اردو ۽ فارسي شاعريءَ جو انتخاب، جيڪو دوران زندگي هڪ ڊائري ۾ لکندڙ و رهندو هو. "مرآة الجمال" جي نالي سان ڇپيو آهي.

هن ڪتاب جي شروع ۾ سنڌي شاعرن جي ڪلام جو انتخاب آهن، جيڪو ۳۸ صفحات (۱-۳۸) تي ڦهليل آهي، جنهن مان صرف پنجن صفحن تي صفحي ۱ ۽ ۲ تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا اٺ بيت ۽ صفحي ۳۵ تي حاجي محمد سومرو ۽ راجن شاهه جو هڪ هڪ بيت صفحي ۳۷ تي شاهه ساجن ۽ شوپاز شاعرن جو هڪ هڪ بيت، صفحي ۳۸ تي اسحاق گدي جو هڪ بيت ۽ صفحي ۳۶ کان ۳۸ تي ڪن نامعلوم شاعرن جا نوءَ بيت ڏنل آهن. انهن پنجن صفحن تي مذڪوره شاعرن جي انهي ڪلام کان باقي سمورن ۳۳ صفحن تي سچل سرمست جي سنڌي ڪلام جو انتخاب ڏنل آهي. جنهن ۾ ڪافيون ۽ تقريبا ۲۰۰ بيت ڏنا ويا آهن.

سچل سرمست جي ڪلام جي انهي انتخاب مان سچل سائين ۽ سندس ڪلام سان پير صاحب جي عقيدت، محبت ۽ عشق جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. (۱۵)

حوالا

1. پير حسام الدين راشدي: سنڌي ادب (سنڌي ترجمو) مترجم غلام محمد لاکو. سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو ٻيون 1996ع، صفحو 66 کان 68.
2. ايضا صفحو 61
3. پير حسام الدين راشدي: هو ڏوٿي هوڏينهن، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1977ع، صفحو 38-37.
4. ايضا صفحو 43 حاشيو
5. ايضا سفحو 45 حاشيو
6. ايضا، صفحو 48 کان 52
7. ايضا صفحو 78
8. ايضا صفحو 283
9. ايضا صفحو 327
10. پير حسام الدين راشدي جون اهي ٻئي تقريرون ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڇپيون رهيون آهن.

سپ کان پهريائين سرمست ۲، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور، ۱۹۸۲ع ص ص ۲۹، کان ۵۲ تي شايع ٿيون.

11. پير حسام الدين راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي ڇاپو پهريون 1981ع صفحو 11.
12. ايضا صفحو 599
13. ايضا صفحو 656
14. ايضا صفحو 811
15. مدآت الجمال (پير حسام الدين راشدي جي پسنديده شعرن جو مجموعو) انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇامشورو ڇاپو پهريون 1984ع.

سچل جو مکتب

خادم عباسي

ماسٽر احمد علي

فقير احمد علي جا وڏا اصل شڪارپور شهر جا رهاڪو هيا مگر زماني جي لاهن چاڑهن سبب ڪڏهن روهڙي ته ڪڏهن گهوٽڪيءَ ۾ رهيا. فقير صاحب سال ۱۸۶۹ع ۾ هن ظاهري زماني ۾ جنم ورتو.

فقير صاحب کي جڏهن ڇهن سالن جي عمر ۾ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو تڏهن نندپڻ ۾ استاد ڪيس سندس ذاهانت سبب گهڻو پائيندا هئا. ورنيڪيولر جو امتحان پاس ڪري تعليم ڪاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. ويهن ورهين جي جواني ۾ فقير صاحب ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ سکيا وٺڻ ويو. ان وقت ڪاليج جو پرنسپال راءِ بهادر ڪوڙو مل هيو. ساندهه ٽي سال ڪاليج ۾ رهي احمد علي پنهنجي سکيا ڪاميابيءَ سان پاس ڪري ۱۸۹۹ع ۾ فارغ ٿيو.

فقير صاحب مختلف اسڪولن ۾ پڙهائيندي ڪيهرن جي ڳوٺ (تعليقو ڳڙهي ياسين) جي اسڪول جو هيڊماسٽر ٿيو جتي هن جي خيالات ۾ تبديلي آئي ۽ اهو احمد علي جو اڳ صوفين جي سخت خلاف هيو سو هينئر درگاهه سچل سائينءَ جي سجاده نيشن سخي قبول محمد ثاني جو طالب ٿيو ۽ صوفين جي صحبت ۾ رهي سندن خدمت کي پنهنجي لاءِ عين ثواب سمجهڻ لڳو. اڳ احمد علي جيڪو راڳ وراڳ کي ڪتراب ۽ شريفن جي پاڙي ۾ ڪونس سمجهندو هيو اڄ اهو احمد علي پاڻ ڳائيندو ۽ رقص ڪندو هيو.

ان وقت ڪيهرن جي ڳوٺ ۾ هڪ هندو ڇوڪر راڳي نالي پڙهندو هيو. اهو فقير صاحب جي صحبت ۾ اچي صوفين جي سنگ ۾ شامل ٿيو. آخر

کار ان هندو چوکر راڏي درازين ۾ پنڌ ڪرڻ شروع ڪيا. ان دوران راڏو ورينڪيولر امتحان پاس ڪري استاد مقرر ٿيو. جڏهن ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد سکيا لاءِ چونڊجي ويو تہ اُتي اوچتو مسلمان ٿيو، سندس اسلامي نالو نور احمد رکيو ويو. ڪجھ ڏينهن بعد ٽريننگ ڪاليج ڇڏي مجذوبي حالت ۾ گذارڻ لڳو. هن معاملي احمد علي فقير کي وڏي تڪليف رسائي. جلدي هو بدلي ٿي ميرپور ماٿيلو آيو.

اوچتو سندس ۾ ننڍا پائر فوت ٿي ويا. انهن صدمن ۾ فقير صاحب کي جهوري وڌو. جلد ئي کيس پير جو ڳوٺ بدلي ڪيائون ۽ ۾ سال پير جو ڳوٺ ۾ مس رهيا تہ پکي پيرو ڇڏي پنهنجي اصلوکي ماڳ ڏانهن راهي ٿيو. فقير صاحب سال ۱۹۱۷ع ۾ وفات ڪئي.

سردار بهادر محمد بخش ڪوجهي (۱۸۹۱ - ۱۹۵۹) جن سخي سائينءَ جي ارشاد موجب اڳ ۾ ئي اُتي موجود هيو ۽ سندس لاش پير جي ڳوٺ مان کڻائي درگاھ درازن ۾ دفن ڪرايو.

سردار بهادر فقير صاحب جي وفات تي هيٺين کافي منظوم ڪئي.

چا کان جلدي ڇڏي وئين يا منا
ادا احمد علي دلدار منا
ويل نہ هئي دوست وڃڻ جي،
هئي ضرورت تنهنجي رهڻ جي،

چا ڪئون ٽئين بيزار منا!

ڪنهن کان سکين هي بيپرواهيون،
ڪين ٻڌءِ سڀ آزيون آهون،
رئيندا ڇڏيئہ سڀ يار منا!
هي نہ جڳائي توکي جدائي،
دوست ڇڏيئہ سڀ ٽولي پائي

ٽولي سندا سينگار منا!

چاهي رڳي تو پنهنجي چگائي،
ڳڻ نه ڪيئي ڪنهن ٻئي جي جائي
خود عرض ٻڌجي ٿيئن ڏار منا!
قول ڪيئي جي هڪ به نه پاريئي،
محبت جو ڪيئن ننگ وساريئي

هي نه عشاقي ڪار منا!

ڊوڙي اچي ميان سڪ سمهي پيئن،
پنهنجي پرين جي پاڪ پيرن ۾

ٻي نه لڏئي ڪاسار منا!

ڏينهن سهڻ جا يار گهٽائي،
هاڻي اڻي ميان جاڳ ٻه چائي
قول پنهنجا اچي پار منا!
محبت صدقو دوست پيارا،
عرض ڪوجهيءَ جو پيو ڪج يارا

درسخيءَ ڏاتار منا!

انتخاب ڪلام

اڄ ڪانگا ڪان ڪان لائي آهي،
ايندو قاصد وٽندڙ وائي آهي.
سانوڻ رتڙي ڏينهن ملهاريو، ٻوٽو لاٽو خوب ڦلاريو،

هر جا سبزي سائي آهي،
وهوا آيو خوشيءَ جو ويلو، دلبر پاٿهي ڪيڙو ميلو،

مولي مهر وسائي آهي.

ڏک ڪشالا گزريا يڪسر، گل ڏسجن احمر اصفر،

جتِ ڪٽ صاف صفائي آهي،

پاڻ سهاڻ جو ويلو آيو، احمد علي جو بخِت سوليو،

مند ملڻ جي آئي آهي.

(٢)

ڪيچي ڪري ويا پنهنجي پڃاڻي،
ڏاري ڇڏي ويا عيبن هاڻي.
نال نه نيائون ته نڏر ڪي،
جوريءَ چاڙهي ويا ونڊي مون ورڪي،

چوري ڇڏي ويا ڇاڻي ڪٽياڻي،

ڏاڳهن ڏيرن جا ڙ ڪئي مون،
ڪٽڪيا نه ڪي ڪچيائون

مامر هين ويا ڇاڻي سچاڻي.

بس پنيور کان پينر منهنجي،
کاڻ بردار خويش نہ کنهنجي،

جبل جهاڳي ڏسان آرياڻي،

احمد علي چوي نور احمد پڻ،
شاهہ درازي سوال سخي سڻ،

جوءِ جتن جي ڏيکارج جاني.

(۳)

مارو مان ملن،

ساهہ سانگين کي ساري.

ماڙيون بنگلا کو نہ وٽن ٽاٽان،
خوش دل کي پائين پنهوارن جا پاٽان،

ساڻ وڃي شل سرتين ليلا چيلا چاري.

ٻوڙ پلاءِ زردا کين وٽن ٽا کائڻ
ڏڻ ڏونرا ڦوڳ ڦريون وٽي ساهہ کي سيبائڻ

چال چگيري جهانيگن عمر هيانءَ ٿي ٺاري

سکندي سال لنگهيا مارن ماندي‌ءَ کي
ناحق قيد کيئي بيوس باندي‌ءَ کي

پلپل پور پون وجهن ڇڄ اندر ڳاري

احمد علي چوي عمر سکندا کين سکاءِ
کڏي ڇڏ قيد منجهان پنهوارن ڏي پڃاءِ

ملان ساڻ مارن ڏيهہ مبارک ڏياري

(۴)

ملڪ دنيا بي بقا اي يار "انتم غافلون"
ڪر جهد تان نہ ڪٿين منجهه صف "لايعلمون"
هي جهان ڏس راند ساري دل فريبيندڙ مدام،
ياد گيري حق ڪنان غافل رکي ٿي لاعبون"
ڏينهن سارو حرص دنيا ۾ گذارين جاهلا!
رات آئي بستر جوڙين "وانتم نائمون"
طاعت رحمان تون جيسين جيئن دائم ڪريج،
چو ته صادر تو متي فرمان "ڪونو راڪعون"
ڇڏجهان جي دوستي رک حب حق مولا سندي،
تان ٿين فردوس اندر "فاد خلوها خالدون"
احمد علي جيسين جيئن ٿي پل نہ غافل يار کان،
پوءِ خطرو خوف ناهرگز "ولا هم يحزنون".

(۵)

واهہ بهاري عجيب رنگ لايو بهڪن چمن چوڌاري
باغ بهاريا وڻ ٽڻ موريا سبز صحن سنساري
گل ڦل ٽڙيا خوب بسنتي هر هنڌ ٿي هڪاري
جهولن جهمڪن گلڙا گهٽيئي خيرو ڪٺهاري
موتو چنبيلي مگرو وهوا تانگر ٽمڪي ٽاري
گل گلاب انگوري ڪيتڪ زعفران خوب بهاري
ڪرنو واهہ بنفشو پائين، عشق پيچ اناري

پٽ پهري ٽيا سبز لباسي گاهن ڪئي گلزاري

چيمو چل ڳنڍيري سائون پتر چهر چوهاري

ڪيت پڪاٽيا چوڏر آپون جهار هوڙي جهلڪاري

ڪنيون ڪانپاٽي هٿن گليلا هڪل ڪيو هاري

پڪين ڏسجي وهم سرهائي پوري سڻ پٽڪاري

احمد علي رت بسنت پليو در در خوش گفتاري

عشق وارن کي حسن هوتن جي درسن آ درڪاري

واڈارو پارهون

سچل سرمست
تي
ببليوگرافي

(واڈارو سن ۱۹۹۷ع تائين)

مرتب
محمد علي حداد

وچور

١. پرور پت رکيج تون

٢. سنڌي پاڳو

٣. حصہ اردو

۴. سرائڪي حصہ

۵. حصہ فارسي

٦. English Section

نشانيون

ص. = انگن بعد آيل مطلب آهي (ڪل صفحا)

ص. = انگن کا اڳ ۾ آيل مطلب آهي (حوالي وارو صفحو)

ص ص. = حوالي وارا صفحا

--- = ڪان وڌي

س.ر. = سينڊي ميٽر (ڪتاب جي ڏيگهہ)

---- ؟ = نا معلوم

پروپٽ رکيج ٿون

سچل سرمست تي ببليو گرافيءَ جو هيءُ ٻارهون واڌارو سرمست -۱۸ جي مهربان پڙهندڙ ادب دوستن جي هٿن ۾ آهي. ببليوگرافيءَ جي ترتيب کيتري محنت گهري ٿي ان جو اندازو صرف ادبي ۽ تحقيقي ذوق رکندڙ علم دوستن کي ٿي هوندو. مان جيسين "سچل چيئر" ۾ هيس تہ هيءَ ڪم يڪ سوئيءَ سان ڪري پي سگهيس. هاڻي پنهنجي نوڪريءَ جي ضروريات سبب هي سلسلو برقرار رکڻ منهنجي وس کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي. "سچل چيئر" يا "سچل اڪيڈمي" جي وس وارن کي هن سلسلي ۾ اڳتي وڌڻ گهرجي.

مونسان هر سال منهنجا ڪرم فرما سچڻ ۽ ادب دوست افراد ساڻ بناهيندا رهندا آهن. هن سال بہ دستور موجب سائين تنوير عباسي، محترم غلام محمد لاکي ۽ پياري علي حسن سرڪيءَ سڻي ٿوني پاڻ ملهايو. محترم غلام ياسين سنڌي، آزاد قاضيءَ لاءِ سائين جي ايم سيد تي ببليو گرافيءَ مرتب ڪرڻ لاءِ خيرپور پبلڪ لئبريريءَ مان پراڻن رسالن مان مواد نوٽ ڪرڻ وقت مهرباني ڪري مون لاءِ سچل سرمست متعلق حولا بہ نوٽ ڪندو ويو. اهو ئي سبب آهي جو هن سال وارو واڌارو ۱۶۳ حوالن تائين پکڙجي ويو آهي. مَان پنهنجن انهن سڀني قربدارن جو ٿورائتو آهيان.

هن واڌاري جي فيئر ڪاپي تقريبان تيار ڪري چڪو هوس جو منهنجو ننڍڙو فرزند اشفاق علي حداد (جيڪو پنهنجي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ اسلام آباد ويل هيو) اڪادمي ادبيات وارن طرفان پاڪستان جي مشهور ترين چوڏهن صوفي شاعرن جي منتخب ڪلام جو ستن مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪرايل ڪتابن مان سچل سرمست جي ياڳي وارا صفحا فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ڪٽي آيو، اهي ست ئي ڪتاب "عالمي اديبن جي ڪانگريس ۱۹۹۵ع" جي موقعي تي شايع ڪرايا ويا هٿا.

هن ٻارهين واڌاري جي ۱۶۳ حوالن سان گڏوگڏ هن مهل تائين سچل سرمست تي ڪل حوالا ادب دوست پارکن جي خدمت ۾ پيش ڪري چڪو آهيان. اميد اٿم تہ سچل شناسيءَ جي تحريڪ ۾ منهنجي هيءَ ڪاوش قبول پوندي.

محمد علي حداد

حداد منزل پنجهٽي خيرپور ميرس.
۱۲-۱۲-۱۹۹۷ع

ا - سنڌي پاڳو
الف: ڪتاب

١. ابڙو، نصرت حسين

روشنين جو شهر ڪراچي/ نصرت حسين ابڙو. ـــــــ ڪراچي: مڪتبہ اسحاقيہ. پريس؟.-١٩٨٥ع

٢١ س. ؛ ٢٠٥ ص.

(مضمون بعنوان "ڪراچيءَ ۾ سچل" ص ص ١١٥-١١٧)

٢- افسر امام علي بيگ، مرزا، ڊاڪٽر

سنڌ جي عزاداري./ ڊاڪٽر مرزا امام علي بيگ "افسر".- ـــــــــ حيدرآباد: بزم فتح، امام بارگاهہ علي آباد ٽنڊو آغا.- پريس؟ - ١٩٩٨ع

٢١ س.م ؛ ٣٨٨ ص.

(سچل جو حوالو ص. ٢٨١)

٣- جڳتياڻي، وشنداس ايسرداس

صوفياڻو ڪلام./ وشنداس ايسرداس جڳتياڻي ـــــــــ حيدرآباد: ٽياسافيڪل سوسائٽي.- سنڌي ادبي بورڊ پرنٽرنگ پريس ڄامشورو.- ١٩٩٧ع پيو ڇاپو.

١٨ س.م ؛ ١١٢ ص

(سچل سرمست جو ڪلام صص. ١ - ٩)

٤- جويو، محمد ابراهيم

سنڌي ڪتاب./ محمد ابراهيم جويو. ـــــــ حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو.- ايجوڪيشنل پريس ڪراچي.- ١٩٩٥ع.

٢١ س.م ؛ ١٣٦ ص.

(سچل سرمست جو احوال ۽ ڪلام صص.٥٣ - ٥٦ ۽ ١٢٧)

۵- حداد، محمد علي

سرمست - ۱۷. / محمد علي حداد ـــــــــ خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي.- پوپٽ پريس خيرپور.- ۱۹۹۸ع.

۲۱ س.م ؛ ۱۵۲ ص

فهرست: پنهنجي پاران (محمد علي حداد).- سوچ جو سرگم (ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو).- سچل جو فڪر ۽ سنيهو (ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو).- فڪر سچل (ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر).- وحدت الوجود جو نظريو ۽ سچل سائين (ڊاڪٽر بشير احمد شاد).- سچل جو نذرانہ عقيدت بحضور اهلبيت (محمد پنهل ڏهر).- سچل جو فڪر - سگهارو محرڪ (دادا سنڌي).- آڪيداس (ڊاڪٽر نواز علي شوق).- ڊڪيل ڪنيءَ تان لاڏل ڊڪڻ (منصور ميراڻي).- موجوده دور ۾ سچل سرمست جي ڪلام جي اهميت (ادل سومرو).- سچل سرمت کي ڪيئن پڙهجي (ملڪ نديم).- آشڪار ۽ عطار جي ڪلام جو تقابلي مطالعو (خضر نوشاهي).- سچل جو اصغر سائينءَ جي ڪلام تي اثر (امام راشدي).- رحيم بخش فاروقي (خادم عباسي).- (سچل سرمست تي ببليوگرافي واڌارو يارهون (محمد علي حداد).

(سچل سرمست جي ۱۸۴ عرس مبارڪ جي موقعي تي ۵ فيبروري ۱۹۹۶ع تي سچل آڊيٽوريم خيرپور ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن جو مجموعو)

۶- درشهوار سيد، ڊاڪٽر

شاهہ لطيف تي تحقيق (مختلف پهلو). / ڊاڪٽر درشهوار سيد.

ـــــــ ڪراچي: شاهہ عبداللطيف ٻٽائي چيئر.- علمي ڪمپوزرز اينڊ پرنٽرز ڪراچي.- ۱۹۹۵ع.

۲۱ س.م. ؛ ۱۴۴ ص

(شاهہ لطيف تي مختلف محقق ۽ عالمن جي تقريرن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جو حوالو ص ص . ۱، ۵۴، ۸۱ ۽ ۱۱۹)

۷- راٹيپوري، محمد صادق، مولانا

سچل جو رسالو (سرائڪي ڪلام)./ مولانا محمد صادق راٹيپوري.ـــــــــــ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.- فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد.- ۱۹۹۷ع.

۲۲ س.م. ؛ ۶+۴۹۶+۴۴ ص.

سٽاءَ: پبلشر پاران:. سچل جو سرائڪي ڪلام، اڳوٽي ۽ نيئن ترتيب.- سچل جي زندگي ۽ ڪلام.- سچل جو رسالو.- دعا، نعت، پنهنجي متعلق.- حسن وعشق: ڏوهيڑا، سي حرفي، ڪافيون.- هير رانجهو: ڏوهيڑا، سي حرفيون، ڪافيون.- تصوف: ڏوهيرا، سي حرفيون، ڪافيون.- متفرق ڪلام.- سچل لغات.

(محترم گل محمد تنيو صاحب هن سڌاريل ايڊيشن جو سنواريندڙ آهي. تنيي صاحب "سچل جو سرائڪي ڪلام اڳواٽي ۽ نئين ترتيب" جي سري سان مرحوم راٹيپوري صاحب، واري ترتيب جي اوٽاين جي نشاندهي ڪري، پنهنجي هن سنواريل اشاعت کي حق بجانب ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.)

۸- شفيع محمد، مخدوم الحاج

مختصر تاريخ وتذڪره بزرگان سنڌ./ مخدوم الحاج شفيع محمد عرف عبدالخالق هاشمي.ـــــــــــ کهڙا: درگاهه المخاديم.- المخزن پريس ڪراچي.- ۱۹۹۷ع.

۲۱ س. م. ؛ ۲۸۸ ص.

(سچل سرمست جو ذڪر ص ص. ۲۴۵-۲۴۶، ۲۵۱، ۲۵۲-۲۵۴ ۽ ۲۶۰.)

۹- ظفر عباسي

شاعريءَ جون صفون. / ظفر عباسي.ـــــــــــ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.- فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد.- ۱۹۹۶ع.

۲۱ س. م. ؛ ۹۹ ص.

(سچل سرمست جو حوالو ص ص. ۷، ۲۵، ۳۰، ۳۲، ۳۵، ۶۸، ۸۰، ۸۵ ۽ ۹۲.)

۱۰- فهميده حسين، ڈاڪٽر

ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ. / ڈاڪٽر فهميده حسين.ـــــــــ
ڪراچي: سنڌي ادبي اڪيڈمي.- زڪي پرنٽرز ڪراچي.- ۱۹۹۷ع.
۲۲ س.م. ؛ ۲۸۰ ص.
(سچل سرمست جو ذڪر ص ص. ۱۱۱، ۱۲۱، ۱۲۲، ۱۲۳،
۱۲۵، ۱۲۶، ۱۲۷، ۱۳۰، ۱۳۵، ۱۳۸، ۱۴۷، ۱۵۱، ۱۵۲،
۱۵۵، ۱۵۶، ۱۵۹، ۱۶۵، ۱۶۶، ۲۱۶، ۽ ۲۲۸.)

۱۱- گوهر، غوث محمد، مخدوم

سامي سفر هليا./ مخدوم غوث محمد گوهر.ـــــــــ ڪوٽڙي
محمد ڪبير: الڪبير اڪيڈمي.- نائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد.-
۱۹۹۷ع.
۲۱ س.م. ؛ ۲۵۴ ص.
(سچل سرمست جا حوالا ص ص. ۳۷، ۶۴، ۱۶۸ - ۱۷۱،
۱۷۲، ۱۷۴، ۱۷۶، ۱۷۹، ۱۸۱ ۽ ۱۹۷.)

۱۲- لاکو، غلام محمد

سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو./ غلام محمد لاکو.ـــــــــ
ڪراچي: مارئي سماجي سنگت مليز.- المخزن پرنٽرز ڪراچي.- ۱۹۹۸ع.
۲۲ س.م. ؛ ۴۲۱ ص.
(سچل سرمست جو حوالو ص ص. ۱۱، ۲۵ - ۲۶، ۲۸۵ - ۲۸۶، ۳۵۳،
۴۰۸ ۽ ۴۱۲.)

۱۳- لاکو، غلام محمد

سمن جي سلطنت/ غلام محمد لاکو.ـــــــــ ڄامشورو: سنڌي
ادبي بورڊ.- سنڌي ادبي بورڊ پريس ڄامشورو.- ۱۹۹۶ع.
۲۲ س.. ؛ ۱۷۷ص.
(سچل سرمست جو حوالو ص. ۱۴۰)

۱۴- مشتاق، غلام مصطفيٰ

معلومات مهراڻ / نمبر 1. / غلام مصطفيٰ مشتاق. ــــــــ شڪارپور: مهراڻ پبليڪيشن.- ۱۹۸۲ع

۱۸ س.م. ؛ ۴۲ ص

(سچل سرمست جو حوالو ص ص. ۹۲ - ۳۰.)

۱۵- ممتاز مرزا

سپريان سندي ڳالهڙي./ممتاز مرزا. ــــــــ ڪراچي: مهراڻ پبلشرز.- زڪي پرنٽرز ڪراچي.- ۱۹۹۱ع.

۲۲ س.م. ؛ ۲۴۰ ص.

(سچل سرمست جا حوالا ص ص. ۹۳، ۱۳۲ ۽ ۱۹۱.)

۱۶- ممتاز مرزا

سدا سوئيتا ڪاپڙي./ممتاز مرزا. ــــــــ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.- آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي.- ۱۹۹۶ع.

۲۲ س. م. ؛ ۳۸۸ ص.

(سچل سرمست جو حوالو ص. ۳۲.)

۱۷- ممتاز مرزا

وساريان نہ وسرن./ ممتاز مرزا. ــــــــ حيدرآباد: شاهه عبداللطيف پٽ شاهه ثقافتي مرڪز.- سنڌي ادبي بورڊ آفسيٽ پريس ڄامشورو.- ۱۹۸۸ع.

۲۲ س.م ؛ ۲۶۴ ص.

(سچل سرمست جا حوالا ص ص. ۵۰، ۱۳۴، ۱۵۱، ۱۹۲، ۱۹۸، ۱۹۹، ۲۰۳ ۽ ۲۱۴)

۱۸- مهيسر، عبدالرحمان

مهيسر جي مام. / عبدالرحمان مهيسر. ــــــــ ڳوٺ رفيق مهيسر، ضلعو خيرپور: حفيظ برادرز.- ڪرم پبليڪيشن لاهور.- ۱۹۹۷ع.

۲۱ س.م ؛ ۱۹ + ۲۱۵ ص.
(سچل سرمست جو ذکر ص ص. ۱۵، ۷۳-۱۷۴.)

۱۹- ناز سنائي

هوهيي جون تحريرون حصو پهريون / ناز سنائي.ـــــــ حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.- آڪاش پرنٽرس حيدرآباد.- ۱۹۹۴ع.
۲۲ س.م. ؛ ۲۴۶ ص
(سچل سرمت جو حوالو ص ص. ۵۲، ۷۴، ۹۴ ۽ ۱۵۸)

ب - رسالا

۲۰- آفتاب ابڙو: "سچل سرمست هفت زبان شاعر".- ماهوارـــــ ماهروز ـــــ ڪراچي.- آگسٽ ۱۹۹۷ع.- ص ص. ۱۲

۲۱- ابراهيم ڪرل: "سچل سرمست ۽ سنڌي همعصر شاعر".- ميگزين ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.-۲ سيپٽمبر ۱۹۹۳ع.-ص ص. ۶-۷.

۲۲- ابڙو غلام نبي: "سچل سرمست".- سالناموـــــ منچر ـــــ گورنمينٽ ڪاليج دادو.- ۱۹۷۸- ۱۹۸۰ع.- سنڌي پاڳو، ص ص. ۴۶-۴۷،

۲۳- اسحاق سميجو: "مذهبي ڪٽرپڻو ۽ سچل سرمست" هفتيوارـــــ سنڌوـــــ حيدرآباد.- ۱۸-۲۴ مارچ ۱۹۹۰ع.

۲۴- امان راهي: "سچل جي شاعري هڪ دور جي پڇاڻي".- ماهوار پارس ڪراچي.- مئي جون ۱۹۸۵ع. ص ص. ۴۲-۴۸.

۲۵- بخاري مشتاق: "سچل سان سچو".- ماهوارـــــ وين گارڊـــ ڪراچي.- سيپٽمبر ۱۹۹۴ع.

٢٦- بروهي، علي احمد: "سچل ۽ سچ".- ماهوار ـــــ پارس ـــــ
كراچي.- سيپٽمبر آكٽومبر ١٩٨٤ع ص ص. ٣١ - ٣٣.

٢٧- تاجل بيوس: "سچل سرمست انساني عظمت جو شاعر".- ماهوار ـــــ
پارس ـــــ كراچي.- جنوري ١٩٩٠ع.- صص. ٥٢ - ٥٣.

٢٨- تالپور، شير محمد: " حضرت سچل سرمست".- ماهوار . پيغام
كل .حيدرآباد.- جولاءِ ١٩٩٧ع.- صص. ٢٢-٣١.

٢٩- پناڻ علي نواز: " سچل تصيف امر جليل- تفيد".- هفتيوار ـــــ
وينجهار ـــــ حيدرآباد.- ٦-١٩ جولاءِ ١٩٨٧ع.

٣٠- پريل دايو: "سچل سارو سچ".- هفتيوار ـــــ سنڌو ـــــ
حيدرآباد.- ١٢ - ١٨ اپريل ١٩٩٠ع.

٣١- چيٹل پرسرام: " سچل، منصور ثاني".- ماهوار ـــــ پيغام ـــــ
كراچي.- سيپٽمبر - ڊسمبر ١٩٩١ع.- صص ٦٨ - ٧٤.

٣٢- دادا سنڌي: "سچل جو سارنگ".- پندرهن روزه ـــــ عبرت
ميگزين ـــــ حيدرآباد.- ١ مئي ١٩٩٥ع.- صص.١٥.

٣٣ - دودو دلنواز: " سچل سرمست".- ماهوار ـــــ گلستان ـــــ
حيدرآباد.- جولاءِ ١٩٨٠ع.- صص. ١٧ - ١٨.

٣٤- شمشيرالحيدري: "سچل جي ڪلام ۾ شخصيت جي تربيت".- هفتيوار
ـــــ هدايت ـــــ حيدرآباد.- ٢١ جون ١٩٨٤ع.- صص. ٤.

٣٥- صوفي غلام مصطفيٰ: "حضرت سچل سرمست".- هفتيوار ـــــ
سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ٢٠ - ٢٦ اپريل ١٩٨٩ع.

٣٦- فهميده حسين، ڊاڪٽر: "شاهه ۽ سچل جي شاعريءَ ۾ ڏڪ جو
حصو".- ماهوار . پيغام .ڪراچي.- اپريل ١٩٩٣ع.

٣٧- قاضي خادم: "سچل جي ڪلام ۾ جديد فڪر".- هفتيوار ـــــ نئون نياپو ـــــ ڪراچي.- جنوري فيبروري ١٩٨٥ع.

٣٨- لاکو، غلام محمد: " انيس المساڪين ۾ درازي درويشن جو ذڪر".- ماهوار ـــــ پيغام ـــــ ڪراچي.- اپريل مئي ١٩٩٣ع.

٣٩- مشتاق، غلام مصطفيٰ: " ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي".- هفتيوار ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ جيڪب آباد.- ١٠ جون ١٩٨٦ع.- صص. ١٢ - ١٣.

٤٠ - ملڪ نديم: "سچل سائينءَ جي زماني جا شاعر".- ماهوار ـــــ پيغام ـــــ ڪراچي.- اپريل مئي ١٩٩٣ع.

٤١ - ملڪ نديم "سچل سرمست جي سياسي سوچ".- سلسلي وار ـــــ پره ڦٽي ـــــ سکر.- جولائي ١٩٨٧ع.- صص. ٩ - ١٣.

٤٢ - ملڪ نديم: " سچل سرمست کي ڪيئن پڙهجي ۽ پيش ڪجي؟".- ماهوار ـــــ ماه روز ـــــ ڪراچي.- آڪٽوبر ١٩٩٧ع صص. ٤.

٤٣ - منظور قريشي: " سچل سارو سچ".- هفتيوار ـــــ برسات ـــــ ڪراچي.- ٣٠ آڪٽوبر - ٧ نومبر ١٩٧٢ع.

ج - اخبارون

٤٥ - آزاد قاضي: "سچل سائينءَ جي مواد جي ڳولها".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ٤ فيبروري ١٩٩٧ع.

٤٦ - آزاد قاضي: " سچل سرمست ۽ حڪمرانن جا لاڪاپا".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ٩ جنوري ١٩٩٧ع.

۴۷ - آزاد قاضي: "سچل سرمست ۽ سندس فڪر".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ۵ فيبروري ۱۹۹۷ع.

۴۸ - آزاد قاضي: " سچل ۽ سنڌ جي ثقافت".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ۱۰ جنوري ۱۹۹۷ع.

۴۹ - ابڙو نصرت حسين: " تنهنجا سارا مولوي منهنجو هڪ سچل".- روزاني ـــــ عبرت ـــــ حيدرآباد.- ۲۴ جنوري ۱۹۹۷ع.

۵۰ - ابڙو نصرت حسين: "سچل بيباڪ رهنما".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ۲۴ جنوري ۱۹۹۷ع.

۵۱ - ابڙو، نصرت حسين: " سچل بيباڪ رهنما".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ۲۷ جنوري ۱۹۹۷ع.

۵۲ - ابڙو نصرت حسين: " سچل سرمست دانشورن جي نظر ۾".- روزاني ـــــ هلال پاڪستان ـــــ ڪراچي.- ۲۴ جنوري ۱۹۹۷ع.

۵۳ - ابڙو نصرت حسين: " سچل سنڌ جو سهاجهڙو شاعر".- روزاني ـــــ جاڳو ـــــ ڪراچي.- ۱۸ جنوري ۱۹۹۷ع.

۵۴ - ابڙو نصرت حسين: "عشق الاهي ذات".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ۲۳ جنوري ۱۹۹۷ع.

۵۵ - اچڻ، ميان ذوالفقار: "سچل بحيثيت انسانيت نواز آلاپ".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ۱۹ مارچ ۱۹۹۷ع.

۵۶ - اچڻ، ميان ذوالفقار: " سچل بحيثيت انسانيت نواز آلاپ".- روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ۱۸ مارچ ۱۹۹۷ع.

۵۷ - اختر آزاد منگي: " سچل سارو سچ ۽ سنڌي سماج" روزاني ـــــ خلق ـــــ حيدرآباد.- ۲۵ جنوري ۱۹۹۷ع.

٥٨ - اختر درگاهي: "سچل جر نظريو" روزانہ ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ٢٧ مارچ ١٩٩١ع.

٥٩ - اسحاق سميجو: "مان سبق پڑهان ڪيهن سچڙ ڏسان" روزانہ ـــــ ڪاوش ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٦٠ - اعجاز منگي: "سڙ سچو تون سمجهہ رک توکي چگائي ٿو چوان".- روزانہ ـــــ سنڌ ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٦١ - اقرار پيرزادو: " ائين ٿي ئي نٿو سگهي!" (سچل جي حوالي سان).- روزاني ـــــ جاڳو ـــــ ڪراچي.- ٢٦ جنوري ١٩٩٧ع.

٦٢ - ايڊيٽوريل: " اڄ سچل جهڙي سچوءَ جي ضرورت آهي".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٦٣ - ايڊيٽوريل: "اڄ سچل جهڙي سچوءَ جي ضرورت آهي".- روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٦٤ - ايڊيٽوريل: " جوئي آهيان سوئي آهيان".- روزاني ـــــ بختور ـــــ حيدرآباد.- ٢٢ جنوري ١٩٩٧ع.

٦٥ - تبسم جماڻي: "حضرت سچل سرمست جو ساڻي نانڪ يوسف".- روزانو ـــــ عبرت ـــــ حيدرآباد.- ١٤ جنوري ١٩٩٢ع.

٦٦ - تنوير عباسي: " سچل سائينءَ جي ڪلام جا سرائڪي، سنڌي قلمي نسخا".- روزاني ـــــ خلق ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جولاءِ ١٩٩٧ع.

٦٧ - پيراهين، غلام شبير غمگين: "هفت زبان شاعر حضرت سرمست" (پاڪ صفحو).- روزاني ـــــ بختور ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جولاءِ ١٩٩٧ع.

٦٨ - جامڑو، غلام جعفر: "حضرت سچل سرمست ۽ سنڌي شاعري".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ١٤ فيبروري ١٩٩٧ع.

٦٩ - جامڑو، غلام جعفر: " حضرت سچل سائين ۽ سنڌي شاعري".- روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ١٤ فيبروري ١٩٩٧ع.

٧٠ - حزب الله سومرو: "سچل ادبي ڪانفرنس جو احوال" روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ٦ فيبروري ١٩٩٧ع

٧١ - حزب الله آءِ سومرو: " سچل ادبي ڪانفرنس جو احوال".- روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ٩ فيبروري ١٩٩٧ع.

٧٢ - حزب الله آءِ سومرو: " سچل جو مڪتب تي تبصرو" روزاني ـــــ پاڪ سنڌ ـــــ سکر.- ٨ جنوري ١٩٩٧ع.

٧٣ - حزب الله آءِ سومرو: " سچل جو مڪتب تي تبصرو".- روزاني سنڌو حيدرآباد.- ٥ فيبروري ١٩٩٧ع.

٧٤ - حزب الله آءِ سومرو: "سچل سرمست ادبي ڪانفرنس".- روزاني ـــــ پاڪ ـــــ سکر.- ٢٧ فيبروري ١٩٩٧ع.

٧٥ - خواجہ ذوالفقار: "خدا جي عشق کان سچل جي عشق تائين".- روزاني ـــــ برسات ـــــ ڪراچي.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

٧٦ - خواجہ ذوالفقار: " روزا ۽ نمازون اي پن ڇڪو ڪر..".- روزاني ـــــ برسات ـــــ ڪراچي.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

٧٧ - خواجہ ذوالفقار: "سچل ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ١٥ فيبروري ١٩٩٧ع.

٧٨ - خواجہ ذوالفقار: " سچل ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا".-

روزاني ـــــ عبرت ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٧٩ - خليق ڀگهيو: . انسان جي انفراديت ۽ سچل جي نظر".- روزاني ـــــ جاڳو ـــــ ڪراچي.- ١٩ فيبروري ١٩٩٧ع.

٨٠ - خليل ابڙو: " سنڌ جي عظيم هستي - سچل سرمست".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ٢٣ جنوري ١٩٩٧ع.

٨١ - خليل ابڙو: ڳالهه سچل جي سالڪ سمجهن".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ٢٢ جنوري ١٩٩٧ع.

٨٢ - دادا سنڌي: "سچل جي شاعريءَ ۾ ڪانگ جو ذڪر".- روزاني ـــــ بختور ـــــ حيدرآباد.- ٦ آگسٽ ١٩٩٧ع

٨٣ - ڊڪٽ، احمد علي: "جنهن دل پيتا عشق دا جام".- روزاني ـــــ جاڳو ـــــ ڪراچي.- ٢٦ جنوري ١٩٩٧ع.

٨٤ - ساگر، عبدالمجيد ٿهيم: "سچل وحدت جو پيغام".- روزاني ـــــ بختور ـــــ حيدرآباد.- ١٧ سيپٽمبر ١٩٩٧ع.

٧٥ - سرڪي، علي حسن: " سچل ڪي تحقيق ۽ مزارن جو جائزو".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ٢٦ جنوري ١٩٩٧ع.

٨٦ - سرڪي، علي حسن: " سچل جو روضو ۽ ٻيون مزارون" روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ٢٧ جنوري ١٩٩٧ع

٨٧ - سرڪي، علي حسن: "سچل سائين بابت اديبن ۽ عالمن جا رايا".- روزاني ـــــ برسات ـــــ ڪراچي.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٨٨ - سرڪي، علي حسن: "سچل سائين بابت خيرپور جي اديبن ۽ سياستدانن جا رايا".- روزاني ـــــ مهراڻ ـــــ حيدرآباد.- ٤ فيبروري ١٩٩٧ع.

٨٩ - سرکي، علي حسن: "سچل سائين جو روضو مبارک".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٠ - سرکي، علي حسن: "سچل سائين جو روضو مبارک".- روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٩١ - سرکي، علي حسن: " سچل سائين جو رضو مبارک".- روزاني ـــــ مهراڻ ـــــ حيدرآباد.- ١٨ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٢ - سرکي، علي حسن: " سچل جي دور جا تاريخي واقعا".- روزاني ـــــ خلق ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٣ - سرکي، علي حسن: " سچل سائين جي دور (١٧٣٩- ١٨٢٧) جا تاريخي واقعا".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٤ - سرکي، علي حسن: "سچل سائين جي دور جا تاريخي واقعا".- روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٥ -صوفي، غلام مصطفيٰ: "شاعر هفت زبان سچل سرمست".- روزاني ـــــ عوام ـــــ کراچي.- ١٤ فيبروري ١٩٩٥ع.

٩٦ - طالب، نواز علي: "سچل سارو سچ".- روزاني ـــــ سوال ـــــ حيدرآباد.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٧ - طالب، نواز علي: "سچل سارو سچ".- روزاني ـــــ مهراڻ ـــــ حيدرآباد.- ٢٣ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٨ - عاصي فقير عباسي: " الله جاڻي دل لڳي آ".- روزاني ـــــ عبرت ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

٩٩ - عبدالغفور لنڊ: . سچل سرمست مين آيا مک ويکڻ".- روزاني ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٠ - عبدالغفور لنڊ: "مين آيا مک ويکڻ" روزاني ـــــ سنڌو ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠١ غلام رباني: " هڪ ست پريت دي".- روزاني ـــــ بختور ـــــ حيدرآباد.- ٣٠ اپريل ١٩٩٧ع.

١٠٢ - فاتح، غلام حسين، ميان: "حضرت سچل سرمست".- روزاني ـــــ جاڳو ـــــ ڪراچي.- ٢٣ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٣ - فاتح، غلام حسين، ميان: " حضرت سچل سرمست".- روزانہ ـــــ عبرت ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٤ - فاتح، غلام حسين، ميان: "درازا شريف وارو سچل سرمست" روزاني ـــــ خلق ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٥ - قلب سومرو "سچل سارو سچ".- روزاني ـــــ مهراڻ ـــــ حيدرآباد.- ٢٢ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٦ - ڪمال، در محمد: " سچو سارو سچ" قسط١.- روزانہ ـــــ سنڌ نيوز ـــــ ١٥ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٧ - ڪمال، در محمد: "سچو سارو سچ" قسط ٢.- روزانہ ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد ١٦ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٨ - ڪمال، در محمد: " سچو سارو سچ" قسط ٣.- روزانہ ـــــ سنڌ نيوز ـــــ حيدرآباد.- ١٧ جنوري ١٩٩٧ع.

١٠٩ - گرامي، غلام محمد، مولانا: " سچل فقير جو نظريو تصوف".- روزانہ ـــــ مهراڻ سالگرهہ نمبر ـــــ حيدرآباد.- ١٦ نومبر ١٩٥٨ع صص. ٢٨ - ٢٩.

١١٠- مشتاق مغل: " سچل جي شاعري، پريم پچار".- روزاني ـــــ سوال ـــــ حيدرآباد.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع

١١١ - مقصود گل:" سچل منصور سنڌي" نظر.- روزاني ـــــ جاڳو ـــ ڪراچي.- ٢٦ جنوري ١٩٩٧ع.

١١٢ - مقصود گل: "سچل منصور سنڌ" نظر.- روزانہ ـــــ عبرت ـــ حيدرآباد.- ٢٤ فيبروري ١٩٩٧ع.

١١٣ - مقصود گل: "سچل منصور سنڌي" نظر.- روزاني ـــــ هلال پاڪستان ـــــ ڪراچي.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١١٤ - ملڪ نديم:" سنيهو سرمست جو" روزاني ـــــ ڪاوش ـــــ حيدرآباد ١٩ مارچ ١٩٩٧ع.

١١٥ - منصور جروار: " سچل سچ سڻايو".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ڪراچي.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

١١٦ - منصور جروار: .سچل سچ سڻايو".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــ ڪراچي ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١١٧ - ميراڻي، غلام حسين: . حضرت سچل سرمست".- روزاني ـــــ هلال پاڪستان ـــــ ڪراچي.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

١١٨ - ياسر قاضي: " غلام حسين: " حضرت سچل سرمست".- روزاني ـــ هلال پاڪستان ـــــ ڪراچي.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

١١٩ - ياسر قاضي: " سچل سارو سچ".- روزاني ـــــ عوامي آواز ـــــ ڪراچي.- ٢٥ جنوري ١٩٩٧ع.

١٢٠ - ياسر قاضي: " سچل سارو سچ" روزاني ـــــ هلال پاڪستان ـــ ڪراچي.- ٢٤ جنوري ١٩٩٧ع.

١٢١ - ياسر قاضي: " سچل ۽ سندس شاعري".- روزاني ـــــ سنڌ سجاڳ ـــــ ڪراچي.- ٢٦ جنوري ١٩٩٧ع.

١٢٢ - ياور علي، ڪاظمي: "سچل جي ڪلام ۽ درويش جي حقيقت" روزاني ـــــ بختور ـــــ حيدرآباد.- ١٢ مارچ ١٩٩٧ع.

۲ - حصہ اردو

الف: کتب

۱۲۳ - انور چودھري

پنجاب ایک تاریخي خاکہ. / انور چودھری. ـــــــــ لاهور: سائوتھ ایشیا پارٹنر شپ پاکستان.- پریس.- ۱۹۹۷ع.

۲۲ س.م. ؛ ۸۱ ص.

(هیر کے حوالے سے سچل سرمست کا حولہ ص. ۳۵)

۱۲۴ - جاوید، انعام الحق، ڈاکٹر

پنجابی زبان و ادب کی مختصر تاریخ. / داکٹر انعام الحق جاوید. ـــــــــ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان، پاکستان.- ایس.ٹي پرنٹرز راولپندی.- ۱۹۹۷ع.

۲۲ س. . ؛ ۴۵۶ ص.

(سچل سرمست کا حوالہ ص ص. ۳۳۴)

۱۲۵ - جویو، محمد ابراهیم:

سندھ کے صوفي شعرا.- / محمد ابراهیم جویو (مترجم سیدہ شگفتہ اشتیاق). ـــــــــ لاهور: فکش هائوس. زاهد بشیر پرنٹرز لاهور.- ۱۹۹۷ع

۲۱ س. م. ؛ ۸۰ ص

(ابراهیم جویو کی مشهور سندھی تصنیف " شاهہ، سچل ۽ سامی " کا اردو ترجمہ. اس کتاب مین سندھ کے ان تینون شاعرون کي حیات اور کلام پر سیاسي، مذهبی، تهذیبی اور اقتصادی پس منظر مین مطالعہ پیش کیا گیا هے .)

۱۲۶ - حیدر سندھي، ڈاکٹر

همارا لساني و ادبي ورثہ. / داکٹر حیدر سندھی.ـــــ اسلام آباد: همارا لساني وادبی ورثہ ایس ٹي پرنٹرز راولپنڈي.- ۱۹۹۵ع.

۲۱ س. م. ؛ ۲۸۱ ص.

(سچل سرمست کے حوالے ص ص. ۲۲، ۱۸۹، ۱۹۰، ۱۹۱، ۱۹۲، ۲۰۱، ۲۳۳، ۲۳۴، ۲۳۵، ۲۴۰، ۲۴۱، ۲۵۱ اور ۲۶۰)

۱۲۷ - راهي اعجاز

رودار سیمینار قومي زبان کي ترقی مین صوبون کا حصہ. / اعجاز راهی ـــــــ اسلام آباد: مقتدره قومی زبان پاکستان.- هائي لائیت پرنٹرز. لاهور.- ۱۹۸۵ع.

۲۲ س.م. ؛ ۱۰۲ ص

(سچل سرمست کا حوالہ ص ص. ۳۲ - ۳۳)

۱۲۸ - سومرو خادم حسین

سرکیڈارو / خادم حسین سومرو. ـــــــ لاهور: گورا پبلشرز.- زاهد بشیر پرنٹرز لاهور.- ۱۹۹۷ع

۲۱ س.م. ؛ ۱۷۹ ص

(سچل سرمست کا حوالہ ص ص. ۱۲۳ اور ۱۲۹)

۱۲۹ - سید جي. ایم

جیسا مین نے دیکھا. / جي.ایم.سید. ـــــــ کراچی: اداره فروغ انسانیت.- پاکستان هیرالڈ پریس کراچی.- من اشاعت؟

۲۲ س.م. ؛ ۲۰۸ ص.

(سچل سرمست حوالہ ص ص. ۴۳, ۷۴, ۷۵, ۸۹, ۱۳۴, ۱۶۵، اور)

۱۳۰ - شاهہ عزیز الکلام

اردو کے امی شعرا. / شاه عزیز الکلام. ـــــــ کراچی: اردو اکیدمي پاکستان.- القادر پرنٹنگ پریس کراچی.- ۱۹۹۶ع.

۲۱ س.م. ؛ ۲۵۴ ص.

(سچل سرمست کي سوانح و کلام ص ص. ۱۶۹ - ۱۷۰)

۱۳۱ - فخر زمان

پاکسان کے صوفی شعراء. / فخر زمان (مدیراعیٰ) سعیده درانی اور راشد متین (مرتسین). ـــــــ اسلام آباد: اکادمی ادبیات پاکستان.- خورشید پرنٹرز، اسلام آباد: ۱۹۹۵ع.

۲۲ س.م. ؛ ۴۸۸ ص.

(اسلام آباد مین بین الاقوامی ادبی کانفرنس کي موقع پر پاکستان کے ۱۴ نامور صوفی شاعرون کے حالات اور کلام کے انتخاب کو سات بین الاقوامی زبانون مین بیک وقت شایع کیا گیا تها. اودو مین جو تعارف دیا گیا هے وه اصل مین انگریزي سے ترجمه کیا گیا هے. سچل سرمست کي سوانح اور کلام کا ترجمه نصیر مرزا نے کیا هے.

(حوالہ جات ص ص. ۲۳، ۳۳۹ - ۳۵۳، ۴۸۱، ۴۸۵ اور ۴۸۶.)

۱۳۲ - قدوسي، اعجاز الحق

سندهی کي تاریخی کهانیان / اعجاز الحق قدوسي.ـــــ اسلام آباد: نیشنل بوک فائونڈیشن.- ثمر پرنٹرز کراچي.- طبع دوم ۱۹۸۸ع.

۲۱ س. . ؛ ۲۶۳ ص.

(سچل سرمست پر مضمون ص ص. ۲۵۵ - ۲۵۶)

۱۳۳ - قرت العین حیدر

کار جهان دراز هے. / قرت العین حیدر. ـــــــ کراچي: مکتبه اردو ادب.- منظور پریس لاهور.- سن؟

۲۱ س.م. ؛ ۳۹۸ ص

(سچل سرمست کا حوالہ ص ص. ۱۹۷ - ۱۹۸)

۱۳۴ مہر کا چیلوی
داستان- زندان / مہر چیلوی. ـــــــ میرپور خاص: مہر پبلیکیشن.- نیوفیمس پریس حیدرآباد.- ۱۹۹۴ع.
۲۱ س. م. ؛ ۳۴۲ ص.
(سچل سرمست کا حوالہ ص ص. ۲۵ اور ۱۶۸)

۱۳۵ - نگہت سلیم
پاکستان اہل قلم کی ڈائریکٹری. / نگہت سلیم. ـــــــ اسلام آباد: اکادمی ادبیات پاکستان.- رعنا پرنٹرز اسلام آباد.- ۱۹۹۶ع.
۲۴ س.م ؛ ۵۳۴ ص.
(مختلف اہل قلم کے تصانیف کی کوائف سے سچل سرمست کے حوالے ص ص. ۲۴۱، ۲۷۳، ۲۸۷، ۳۲۲، ۳۴۳، ۳۵۱، ۳۶۷، ۳۶۸، ۳۷۳ اور ۳۷۶)

۱۳۶ - نیاز ہمایونی
سندھ نامہ. / نیاز ہمایونی. لاہور: ـــــــ مرکزی اردو بورد.- نیوگرین پرنٹرز حیدرآباد.- ۱۹۷۸ع.
۲۲ س. م. ؛ ۲۵۹ ص
(سچل سرمست کا حوالہ ص. ۷۴)

ب رسائل

۱۳۷ - آفاق صدیقی: ا سچو سدا روشن رہے گا تیرا نام".- ماہنامہ اظہار ـــــــ کراچی.- مئي جون ۱۹۸۶ع صص. ۹۹ - ۱۰۰.

۱۳۸ - ابراہیم خلیل، پروفیسر: " سچل سرمست کي مثنوی و حدت نامہ کا اجمالی جائزہ" ماہنامہ ـــــــ اظہار ـــــــ کراچی.- مئی جون ۱۹۸۸ع صص. ۲۶ - ۲۹.

۱۳۹ - اداریہ: "حضرت سچل سرمست".- ہفت روزہ ـــــــ احوال کراچی.- ۱۱ - ۲۴ اپریل ۱۹۹۱ع.- ص.ص ۴۳ - ۴۴

۱۴۰ - خان آصف: "حضرت سچل سرمست".- ہفت روزہ اخبار جہان ـــــــ کراچی ۲۴ تا ۳۰ مارچ ۱۹۹۷ع ص ص. ۲۴ - ۲۵.

۱۴۱ - نسیم امروہوی، علامہ: " سچل کی اردو اور فارسی شاعری .- ماہنامہ ـــــ اظہار ـــــ کراچی.- فروری مارچ ۱۹۸۴ع.

ج: اخبارات

۱۴۲ - ابرو نصرت حسین: " انسانیت کے علمبردار صوفی شاعر سچل سرمست".- روزنامہ ـــــ جنگ ـــــ کراچی مدوویک ایڈیشن ۲۹ جنوری ۱۹۹۷ع.- ص. ۱۱،

۱۴۳ - ابرو نصرت حسین: "سچل سرمست کا پیغام" روزنامہ ـــــ نوائے وقت ـــــ کراچی.- ۲۳ جنوری ۱۹۹۷ع.

۱۴۴ - جاوید عنایت مغل: "سچل سارا سچ".- روزنامہ ـــــ نوائے وقت ـــــ کراچی.- ۲۳ جنوری ۱۹۹۷ع.

۱۴۵ - جاوید عنایت اللہ مغل: " شاعر ہفت زبان، حضرت سچل سرمست رح".- روزنامہ ـــــ امن ـــــ کراچی.- ۲۳ جنوری ۱۹۹۷ع.

۱۴۶ - شمشیر الحیدری: "عظیم صوفی شاعر سچل سرمست؛.- روزنامہ ـــــ جنگ ـــــ کراچی.- مذویک ۲۳ فروری ۱ مارچ ۱۹۹۳ع.- ص.۲.

۱۴۷ - شهناز حسین: "سچل سرمست احوال و کلام:.- روزنامہ ـــــ کلیم ـــــ سکھر.- ۲۲ جنوري ۱۹۹۷ع.

۱۴۷ - عضنفر مهدی، ڈاکٹر: "سچل سرمست شاعر هفت زبان:.- روزانہ ـــ نوائے وقت ـــ کراچی.- ۲۳ جنوری ۱۹۹۷ع

۱۴۹ - قاضی علی اکبر درازی: . سچل عظیم شاعر و مفکر: .- روزنامہ ـــ کیلم ـــــ سکھر.- ۲۱ جنوری ۱۹۹۷ع.

۳ - سرائکي حصہ

۱۵۰ - پرویز سجاد حیدر

سرائکي ادب ٹورتے پندھ. / سجاد حیدر پرویز. ـــــ مظفر گرھ: مجلس سرائکی مصنفین پاکستان.- جھوک پرنٹرز ملتان.- ۱۹۹۶ع.

۲۳ س.م. ؛ ۶۳۲ ص

(سچل سرمست دا حوالہ ص ص. ۲۶، ۳۳، ۳۸، ۶۰، ۸۰، ۸۳- ۸۴، ۸۹، ۱۵۴-۱۵۵، ۱۷۶، ۱۷۷، ۱۸۷، ۱۸۸، ۳۹۲، ۴۰۷، ۴۵۹، ۶۱۱، ۶۱۳، ۶۲۲، تے دتا گیا ھن .)

۴ - حصہ فارسی

۱۵۱ - فخرر زمان

شعراي بزرگ عرفاني پاکستان. / فخر زمان (سرويراستار).-ڈاکٹر محمد صديق خان شبلی (مترجم). ـــــــ اسلام آباد: اکادي ادبيات پاکستان.- کرسٹل پريس اسلام آباد.- ۱۹۹۵ع

۲۲ س.م. ؛ ۲۳ ص.

(حوالہ سچل سرمست در مقدمہ بر ص ص. الف، ٦ احوال و ترجمہ منتخب اشعار فارسي در نثر ص ص. ۲۳۵ - ۲۴۵ داده است.).

SECTION OF ENGLISH
And Other Languages
A. BOOKS

152. ANSAR ZAHID KHAN

Road to Pakistan./Ansar Zahid Khan.——— Karachi: Pakistan Historical Society.- Mas Printers Karachi.- 1990.

24 c.m. ; 653 p.

(Ref. of Sachal on pp. 577 and 595.)

153. FAKHAR ZAMAN.

Les Poetes Mystiques due Pakistan. (French Translation of Mysitc Poets of Pakistan)./Fakhar Zaman (Chief Editor), Jean-Yves Merlet (French Translator).——— Islamabad: Pakistan Academy of Letters.- Pagemaker the Printer, Islamabad.- 1995.

22 c.m. ; 316p.

(Ref. of Sachal Sarmast on pp. 9, 241 — 248.)

154. FAKHAR ZAMAN.

Los Grandes Poetas Misticos Del Pakistan. (Spanish translation of Mystic Poets of

Pakistan)./ Fakhar Zaman (Chief Editor) Jose Martin Arancibia (Spanish Translator)———— Islamabad: Pakistan Academy of Letters.- Multi Media Printer, Islamabad.- 1995.

22 c.m. ; 530 p.

(Ref. of Sachal Sarmast on pp. 1, 29, 395— 411.)

155. FAKHAR ZAMAN

Mystic Poets of Pakistan.(English)/ Fakhar Zaman (Chief Editor), Rashid Mateen (Compiler), Dr. Tariq Rehman (Editor).————Islamabad: Pakistan Academy of letters.- Crystal Printers, Islamabad.- 1995.

22 c.m. ; 532 p.

(Ref. of Sachal Sarmast on pp. 25, 399 — 415, 529 and 531)

156. FAKHAR ZAMAN

Mystic Poets of Pakistan (Chinees translation)./Fakhar Zaman (Chief Editor),? (Chinees transflation)?————Islamabad: Pakistan Academy of Letters.- Printer?.- 1995.

22 c.m. ; 371 p.

(Life and chinees translation of the selected versians of Sachal Sarmast are given on pp. 303 — 311)

157. FAKHAR ZAMAN

Mystic Poets of Pakistan (Russian transletion). / Fakhar Zaman (Chief Editor),____ Islamabad: Pakistan Academy of Letters.- 1995.

22 c.m. ; 464 p.

(Life of Sachal and Russian translation of Sachals poetry is given on pp. 322 — 335.)

158. JOTWANI, MOTILAL

A Dictiionary of Sindhi Literature./Motilal Jotwani_____New Delhi: Sampark Parakashan.- Nilum Printing Press, New Delhi.- 1996.

21 c.m. ; 200 p.

(Sachal Sarmast described on pp. 129 —130 and also on different pages.)

159. SCHIMMEL, ANNIMARIE

Sindhi Litrature./Annimarie Schimmel.___ Wiesbaden, Germany: Published as a section of part II, Vol.VIII, A History of Indian Literature. 1974.

? c.m. ; 41 p.

(Ref. of Sachal Sarmast on pp. 21, 22, 23 and 24.)

160. VASWANI, T.L.

A Voice From the Wilderness (A Voice from the Desert)./T.L. Vaswani (Edit ed by Prof.Sakhi Qabool Muhammad)._____Khairpur: Sachal Chair.- Popat Press Khairpur.- 1996. 3rd Edition.

18 c.m. ; ix + 45 p.

Contents: Message (Prof. Dr. Bashir Ahmed Shaikh, Vice Chancellor Shah Abdul Latif university).- Editor's Note (Prof.Sakhi Qabool Muhammad, Director Sachal Chair).- Forward (Prof. Dr. N.G. Masukhani,).- Introduction (T.L. Vaswani).- the Mystic and his Massage.- Aliph the one Beloved.- The inspirer.- The Pilgrim's Path.- The Ancient Home.

(Actually this booklet is the fourth edition of T.L. Vaswani's work. This whole matter of vaswani was given in Sachal Chair's first publication - "Sachal Sarmast" edited by Dr. Tanveer Abbasi published in 1989).

B. Articles

161. Javed Inayatullah Mughal: "Sachal Sarmast A Poet the Truth".- Daily——Dawn——Karachi.- 23rd January 1997.

162. Javed Inayatullah Mughal: "Sachal Sarmast's Poetry Embodies the Principles of Mysticism".- Daily——Dawn——Karachi.- 23rd January. 1997.

163. Junejo, Abdul Jabbar, Dr.: "Influence of Shaikh Attar on Sachal Sarmast of Sindh". Annual——Arts Research Journal——University of Sindh.- Vol.XXX.- 1995. pp. 1 - 5.

تو نہیں
جھان وسر گئی
سانوں
پوڑ نال شرابون
پاڪ چایان سپ گول رھیسون
ھڙ لڏم دوست خرابون

سچو
حق
حاصل
نہ ٿیوي
ڏيکڙ نال ڪتابون

"حضرت سچل"

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.